رب زدني علما



سخي سرتاج

سوانح حيات

سلطان العاشقين سرتاج السالڪين

حضرت سخي قبول محمد دوم عليہ العشق

مؤلف

زوار الحاج قاضي علي اڪبر درازي

سخي سرتاج

سوانح حيات

سلطان العاشقين سرتاج السالكين

حضرت سخي قبول محمد دوم عليہ العشق

مؤلف

قاضي علي اڪبر درازي

دفعو پهريون	جنوري ١٩٦٤	جلد	٥٠٠
دفعو ٻيو	جون ١٩٦٧	جلد	١٥٠٠
دفعو ٽيون	جنوري ١٩٧٦	جلد	٢٥٠
دفعو چوٿون	آگسٽ ١٩٧٧	جلد	٥٠٠

ڇپائيندڙ:- زوار الحاج قاضي علي اڪبر درازي

محلہ قاضي عبدالسميع روهڙي

هديہ ٠٠-۴

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

درازا شريف جي فاروقي خاندان جو شجرو

خواجه محمد حافظ عرف خواجه صاحبڏنه بلقب موراگهي ٣٧ پشت حضرت فاروق اعظم

٢- خواجه عبدالحق اول

خواجه صلاح الدين

سرتاج الشعرا حضرت سچل سرمست (لاولد)

٣- سخي قبول محمد اول

٤- خواجه نظرمحمد

٥- خواجه نجم الدين

٦- سلطان العاشقين سخي قبول محمد دوم

٧- خواجه صاحبڏنه دوم

٨ سخي قبول محمد ثالث (لاولد)

٩- خواجه عبدالحق دوم موجوده سجاده نشين صاحب

ميان محمدمراد

پيش لفظ

ڪتاب "دولهه درازي" ۾ سرتاج العشرا شهنشاهه عشق منصور آخر زمان شاعر هفت زبان حضرت سچل سرمست جي سوانح حيات مڪمل مفصل ۽ مستند ڏيکاري وئي آهي. انهيءَ سان گڏ پهرين ٽن سجاده نشين صاحبن خواجه محمد حافظ، خواجه عبدالحق ۽ سخي قبول محمد اول جي سوانح حيات ڏيکاريل آهي. تنهنڪري هن ڪتاب ۾ سلطان العاشقين حضرت سخي قبول محمد دوم رحمت الله جي سوانح حيات سان گڏ باقي رهيل ٻن سجادن نشين صاحبن جو پڻ ذڪر ڏيکاريو ويو آهي.

هيءَ ڪتاب جنوري ١٩٦٣ع کان لکڻ شروع ڪيو ويو هو ۽ ڪتاب مڪمل ڪري برادرم شيخ رحيم بخش صاحب ڏانهن نظر ثاني ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو هو. مگر افسوس جو ڪتاب اتي ڪنهن طرح گم ٿي ويو ۽ ڪيتري ئي جستجوءِ جي باوجود دستياب ٿي نه سگهيو. مگر هينئر تازو سنڌ ريجنل بئنڪ حيدرآباد جي ميٽنگ تان موٽڻ بعد روهڙي اچي رهيو هوس ته ٽرين ۾ ڪنهن جنٽلمن درويش سان اتفاقا ملاقات ٿي وئي. دوران گفتگو هن صاحب مؤلف

ڪان پڇيو فرمايو ته اوهان هن ڪتاب لکڻ لاءِ مالڪن ڪان موڪل ورتي هئي يا نه؟ مؤلف جواب ڏنو ته نه. جنهن تي هن فرمايو ته ڪتاب گم ٿيڻ جو اهوئي سبب آهي. هينئر مالڪن ڪان اجازت وٺو ته ڪتاب خود بخود لڀي پوندو. مؤلف جي گهر ۾ هڪ خلاصي روم آهي جنهن ۾ سائين سخي بادشاه جي اينلارج ٿيل تصوير شيشي جي فريم ۾ رکيل آهي جنهن تي هر جمع رات گل چاڙهي دعا گهري ويندي آهي. حسب دستور مؤلف جمع رات گل چاڙهي ڪتاب لاءِ اجازت وٺي دعا گهري. آچر ڏينهن صبح جو ڪيس شيخ صاحب جي ڪلارڪ جو خط پهتو ته اوهان جو ڪتاب لڌو آهي ۽ سنت ٽپال رستي موڪليو ويندو. تنهن ڪان پوءِ ڪتاب نئين سر ڪاپي ڪري پريس ۾ ڏنو ويو.

الفقير قاضي علي اڪبر درازي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمْ ط
نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّيْ عَلٰى رَسُوْلِهِ الْكَرِيْم

حضرت خواجہ نظر محمد بلقب نوري
سجاده نشين صاحب نمبر ۴

سلطان العاشقين سخي قبول محمد اول جي وصال بعد سندس وڏو فرزند ارجمند خواجہ نظر محمد سائين بلقب نوري سال ۱۲۴۵ هجري مسند نشين ٿيا. سندن ولادت باسعادت سن ۱۲۰۱ هجري ۾ ٿي. هو ۴۴ ورهين جي عمر ۾ هن عشق جي مسند تي جلوه افروز ٿيا. هو پنهنجن بزرگن وانگر عشق ۽ عرفان الاهي ۾ صاحب ڪمال ٿي گذريا آهن. سندن فيض ۽ سخا جو دروازو هر عام و خاص لاءِ هر وقت ڪليل هوندو هو. افسوس سندن حياتيءَ جو وڌيڪ احوال ملي نہ سگهيو آهي.

هو ست سال هن عشق جي مسند تي جلوه افروز ٿيا ۽ سنہ ۱۲۵۲ هجري ۾ ابدي وصال ماڻيو. سندن وفات بعد سندن فرزند ارجمند خواجہ نجم الدين مسند جلوه افروز ٿيا. خواجہ نظر محمد جي مزار شريف طور سينا جي روضي ۾ آهي.

حضرت خواجه نجم الدين بلقب يوسف ثاني
سجاده نشين نمبر ٥

سلطان العاشقين شمس العارفين حضرت خواجه نجم الدين سائين پنهنجي والد بزرگوار جي رحلت بعد ١٣ ورهين جي ڄمار ۾ سنه ١٢٥٢ هجري ۾ هن عشق جي مسند تي جلوه افروز ٿيا.

سندن ولادت باسعادت سنه ١٢٣٩ هجري ۾ ٿي. هو حسين و جميل هوندا هئا جنهنڪري کين يوسف ثاني جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هنن جو دستور هوندو هو ته جاگير جو جيڪو به ان لهي ايندو هو سو سمورو هڪڙي هنڌ جمع ڪرائي رکندا هوا. پوءِ اهو سمورو ان فقراءَ ۽ شهر جي غريب ۽ مسڪين طبقه ۾ تقسيم ڪري ڇڏيندا هئا. هينئر جيڪو ڪچهريءَ وارو بنگلو آهي سو سندن دور حڪومت ۾ تعمير ٿيو هو. جيڪي به ڪاريگر انهيءَ بنگلي تي ڪمائيندا هوا سي سڀ ڪم جي وقت با وضو رهندا هوا ۽ صلوات مبارڪ پڙهندا رهندا هوا.

ميان خدا بخش فاروقي صاحب بتخلص خاڪي فقير کان روايت آهي ته حضرت خواجه صاحب جن وٽ ڳوٺ دونهين رياست خيرپور جي هڪ سيد زادي هر جمع تي جمع نماز پڙهڻ ايندي هئي. چند عرصه گذرڻ بعد انهيءَ بي بي صاحبه جي برخلاف سندن وارثن کي غلط فهميون

درپيش آئي برغلايو ويو. جنهن سبب هڪ جمع جي
موقع تي جيئن بيبي صاحبہ درگاه شريف ڏانهن اچڻ لاءِ تيار
ٿي ته سندس مڙس منع ڪئي، مگر باز نه اچڻ تي سندس مڙس
کيس لڪڻ هڻڻ لڳو. هت خواجه صاحب جيئن نماز ۾
بيٺا هوا ته اوچتو ٽي دفعا ڇرڪ پريائون. نماز ختم ٿيڻ
بعد فقيرن جي گهڻي زور بار آڻڻ تي پاڻ اظهار فرمايائون
ته پنهنجي تان پهراڻ مٿي ڪٿي ڏسو، پهراڻ مٿي ڪٿي ڏٺو.
ويو ته سندس پنهنجي تي لڪڻ جي ڌڪن جا ٽي نشان ظاهر
هوا. ان بعد پاڻ حقيقت اظهار ڪيائون ته اسان وٽ جا
بيبي صاحبہ هر جمع تي نماز پڙهڻ ايندي آهي تنهن جي
وارثن ڪي ماڻهن برغلايو هو. جيئن جو هوءَ هيڏانهن اچي
رهي هئي ته سندس مڙس کيس منع ڪئي مگر باز نه اچڻ
تي هو هن کي لڪڻ هڻڻ لڳو. اسان هن کي بچائڻ
واسطي پاڻ اڳيان ڏنوسون هي ڌڪن جا نشان اهي آهن.

سندن حياتيءَ جو وڌيڪ احوال ملي نه سگهيو آهي،
جنهن ڪري پيو وڌيڪ احوال لکيل نه آهي.

هنن ۲۳ ورهين جي ڄمار ۾ سنه ۱۲۷۲ هجري ۾
ابدي وصال ماڻيو. کين هڪ فرزند ارجمند تولد ٿيو جنهن
جو نام نامي اسم گرامي حضرت سخي قبول محمد رکيو
ويو جنهنجو ذڪر هن ڪتاب ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

سلطان العاشقين - سرتاج السالڪين
شمس العارفين حضرت سخي قبول محمد دوم
سجاده نشين صاحب ؒ۔

هيءُ چوڏهين جو چنڊ سنه ۱۲۶۲ هجري مطابق سنه ۱۸۴۲ع ۾ درازن جي شهر ۾ روشن ٿيو جنهن جي شعاع ڪان چوطرف چانڊاڻ ٿي وئي.

قمر اڀريو درازن ۾ - ٿيا چوطرف چانڊاڻا

(ماستر احمد علي)

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته انهن ڏينهن ۾ درازن شهر جا سڀئي باشندا هندو خواهه مسلمان کين "ڏيئو" سڏيندا هوا ۽ انهيءَ ادب ۽ احترام سبب اصل ٺڪر واري ڏيئي کي ڪنارو ڪري ڪوٺيندا هئا. ياد رکڻ گهرجي ته ان زماني ۾ تيل ۽ هر ڏيکڻ جو رواج ڪونه هو ڪهه گهر ۾ ٺڪر جو ڏيئو ٻاريو ويندو هو، جنهن ڪري روشنائي واري چيز فقط ڏيئو ئي هوندو هو.

پنهنجي والد بزرگوار حضرت خواجه نجم الدين جن جي ابدي وصال بعد ڏهن سالن جي عمر ۾ هن عشق جي مسند جلوه افروز ٿيا. پاڻ خود ائين فرمائيندا هوا ته اسان ٻار هياسون ۽ ٻارن سان راند ٿي ڪئي سون ته اسان کي وٺي اچي تخت تي وهاريو هوائون. هن محي العشق نشين سر

عشق الاهي کـي زنده ڪيو جنهن جي فيض سخا جي بحر بي پايان کان هزارين بحر ور ٿيا. اڄ ڏينهن تائين سنڌ جي علاوه ملتان، خانپور، پنجاب ۽ بلوچستان ۾ هزارن جي تعداد ۾ سندن مريد آهن.

انهن ڏينهن ۾ گهر گهر هندو خواه مسلمان ننڍي خواه وڏي جي وات ۾ سخي سخي جي وائي ورد هوندي هئي. اڄ ڏينهن تائين پاڪستان کان علاوه هندستان جي گوشه گوشه ۾ چونڪيون ڪيون وڃن ٿيون ۽ پارهو مبارڪ ملاهيو وڃي ٿو.

سندن فيض اڄ ڏينهن تائين جاري آهي ۽ انشا الله قيامت تائين جاري رهندو ايندو. (آمين) سردار بهادر محمد بخش جي سوانح حيات ۾ ذڪر ڪيل آهي ته هنجي دعا مرشد جي حضور ۾ مستجاب ٿيندڙ هئي. جنهن بـه شخص لاء هو دعا گهرندو هو ته ان لاء ڪيس رات جو مرشد وٽـان ارشاد ملندو هو ۽ اهو ارشاد صبح جو انهيءَ سائل کي ٻڌائيندو هو مگر اڃا به ڪي سندس اهڙا طالب آهن جن کي دعا گهرڻ تي هيءُ سخي مرد رات جو ارشاد فرمائيندو آهي.

ذڪر آيل آهي ته سندن هڪڙي ادني طالب جو پٽ انجنيري کاتي ۾ ملازم آهي هن سان سندس ايس. اي

(S.E.) صاحب جو سخت اختلاف ٿي پيو جنهن ڪري هن پنهنجي والد ڏانهن خط لکي موڪليو ته سنڌس ايس. اي صاحب هن ڏانهن سخت ناراض ٿي پيو آهي ۽ ممڪن آهي ته هو ڪيس نوڪري ۾ نقصان پهچائي تنهنڪري سائين جن ڪان دعا گهرندا. والد خط پهچڻ سان رات جو ختمو بخشي پنهنجي مرشد مٿي ڪان دعا گهري پاڻ پنهنجي شفقت شاهاڻي فرمائي رات جو جواب ۾ آيو ۽ فرمايو ته ابا تون ڪو فڪر نه ڪر جيڪو فقيرن سان کهندو سو نه رهندو. هن اهو ارشاد صبح جو پنهنجي پٽ ڏانهن لکي موڪليو. هفته ڪن گذرڻ بعد سنڌس پٽ وري خط لکي موڪليو ته سنڌس ايس. اي صاحب لاهور بدلي ٿي ويو. اهڙا ڪيئي مثال موجود آهن. ملڪ ۾ اڄ ڪالهه چوطرف سياست لڳي پئي آهي اهڙي نازڪ دور ۾ هن سخي مرد جي طالبن ۾ ڪجهه نه ڪجهه روحانيت اڃا تائين به موجود ضرور آهي جا سنڌ اندر ٻين درگاهن جي طالبن ۾ ملڻ شايد مشڪل هجي. اهو هن سخي مرد جي فيض سخا جو عڪس آهي. سرتاج الشعرا شاهنشاه عشق حضرت سچل سرمست پنهنجي ديوان ”آشڪار“ ۾ فرمايو آهي ته:

گر بخواهي ميشوم واقف از اين اسرار راز
پس بڪن با صدق دل روئي بسوئي شاه دراز

معني : جيڪڏهن تون چوين ته مان انهن اسرارن منجهان واقف ٿيان تہ دل جي سچائي سان شاه دراز هليو اچ .

سبحان الله ! اهڙي ڪشاده دلي سان فيض حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ عاشق دعوت ڪانہ ڏني آهي. مگر خلق جي بيقدري ڪي ڏسي اڳتي فرمائي ٿو.

طالب ڪس نيست ڪہ آيد سوئي ما
تـاز باغ عشق گيرد بوئـي ما

معني : اهڙو طالب ڪوبہ ڪونهي جو منهنجي طرف اچي ۽ منهنجي عشق جي باغ جي خوشبوءِ حاصل ڪري.

ذڪر آيل آهي تہ حضرت سچل سرمست فرمائيندا هوا تہ اسان جي عمر ١٠٥ ورهيہ آهي مگر اسان پندرهن ورهيہ اڳ سرڪار اعليٰ جي سلام تي ويندا سون وري ڇهين پشت ۾ موٽي اچي عشق جي مسند تي جلوه نما ٿيندا سون. روهڙي جي رند عاشق حضرت بيدل بادشاه هن شاهنشاه عشق جي شان ۾ شعر چيو آهي تہ :

” رائي پنهنجي سو برين -. نوي ورهيہ نروار هو.“

يعني پنهنجي مرضي مطابق نوي سال هن جامي ۾ رهيو فقير نانڪ يوسف عرض ڪندو هو تہ منهنجي حياتي تيستائين وفا ڪري جيئن مان دوباره انهي رياضت فيض

بشارت کان مشرف ٿيان. سندس پير مغان هن جو اهو عرض اجابت ۾ آندو هو. جنهن وقت هيءُ محي العشق هن دنيا ۾ وارد ٿيو ته ان وقت فقير نانک يوسف زنده هو. هنکي پنهنجي پير مغان جي پيشنگوئي ياد هئي تنهن کري هن نو وارد نينگر کي جهوليءَ ۾ جهلي هيٺيون کلام چوڻ شروع کيو:

کلام

ٽل - عمر دراز تيڏي - الله نگهبان هو وئي
الله نگهبان هو وئي - علي دي امان هو وئي
١- بخت بلند دم تخت سلامت - تاج تيڏي سر عشق امانت
صاحب سلامي تيڏي - عرب ايران هو وئي
٢- عشق تساڏا زور لٽيندا - دائم دل تي چاه چاهيندا
سدا جند جواني ماڻيندا - غريبان دا ڌيان هو وئي
٣- عشق تيڏي وچ عاشق جکندي
ترک مکان تون طالب دکندي
دل مخموم ساڏي نال - راضي رب رحمان هو وئي
٤- ديس ٻه ديسون جوڳي آيا - کليا تساڏا نور سوايا
جن ملک انسان اتي - شاهي وڏا شان هو وئي
٥- مئن تان دلبر دعا گن تيڏي - پال کري سڻ آزي سيڏي
کرين گوش گولي اتي - مولا مهربان هو وئي

٦- نانڪ يوسف نون تيلڳي تاري - ڏوه گناهَ سڀ دواتي پساري
هر دم هو وين نال اسانڏي - ديرا درازن هو وئي .

ننڍپڻ جي حالت

پاڻ اڃا ننڍڙن ورهين جا هوا ته سندن والد بزرگوار رحلت فرمائي تنهن ڪري بظاهر يتيم هوا مگر رب پاڪ جو سايه هر وقت سندن مٿان رهندو آيو، اسلامي روايات موجب ٧-٨ سالن جي عمر ۾ سندن والد بزرگوار ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ کين حضرت سخي قبول محمد اول جي پوٽي ميان عبدالقادر فقير وٽ وهاريو جتي پاڻ قرآن مجيد پڙهي پورو ڪيائون ۽ اڃان سنڌي ۽ فارسي جي ٿوري تعليم حاصل ڪيائون ته سندن والد صاحب رحلت فرمائي جنهن ڪري ڪيس اها تعليم ترڪ ڪرڻي پئي - ساڳي طرح حضرت سچل سرمست پڻ حافظ عبدالله فاروقي جو شاگرد هو- اها هڪ خاص خاصيت آهي جو سندن استاد سندس خاندان جا فرد هوا. بهرحال مسند نشين ٿيڻ بعد کين ظاهري تعليم ترڪ ڪرڻي پيئي - جنهن ڪري تخت نشيني بعد حضرت مرتضيٰ علي مظهرالعجائب کين باطني فيض عطا ڪرڻ فرمايو جنهن ڪري کين علم لدني حاصل ٿيو ۽ ظاهري علم حاصل ڪرڻ جي ڪا ضرورت باقي نه رهي .

دستور العمل

سنڌي ۾ مثال آهي ته سلو اهو جو انگورون پلو. پاڻ چائيندي چام هوا. ننڍپڻ کان سندن طبيعت نيڪيءَ جي طرف مائل هوندي هئي. صوم و صلوات ۽ شب بيداري سندن شيوه هوندو هو. ساري رات ياد الاهي ۾ مشغول ۽ مستغرق رهندا هوا. هو هميشه ٿورو ۽ سادو طعام تناول ڪرڻ فرمائيندا هوا. هر روز شام جو پنهنجن عزيزن سان ملڻ ۽ دعا ڪرڻ ويندا هوا. مغرب جي نماز کان پوءِ ڪلاڪ کن پنهنجي ڪوٽ جي ٻاهران ٺهيل اوطاق ۾ ويهي ڪچهري ڪندا هوا. ياد رکڻ گهرجي ته روڊ جي اوڀر طرف کان درگاه شريف آهي جتي سجاده نشين صاحب جي رهائش گاه آهي ۽ روڊ جي اولهه طرف کان ڪلهه جي مٿان ڪوٽ ٺهيل هوندو هو جنهن ۾ سندن عزيز و خويش رهندا هوا ۽ ڪلهه جي اتر طرف کان ذڪر ڪيل اوطاق ٺهيل هوندي هئي جا هينئر ڊهي وئي آهي.

چوڏهين مبارڪ جي موقع تي پاڻ صبح جو سوير پنهن جي ڪوٽ ۾ وڃي ويهندا هوا. صبح جو خليفه رسول بخش صاحب ۽ ڊولف وڃي ڪين نئين پوشاڪ ڍڪائيندا هوا ۽ ڪوٽ جي دروازي جي ٻاهران طالب ۽ سمورو فقراء اچي بيهندو هو جتان ڪين وڏي شان، شوڪت ۽ تجمل سان

وٽي ايندا هوا ۽ تخت مبارڪ تي ويهندا هوا ۽ هيٺيون شعر چوندا هلندا هوا.

"سب مل کے کھو مرحبا مرحبا
مقبول محمد آتا هے۔"

هر روز منجهند ۽ شام جي وقت پنهنجي رهائش گاه جي ڏيڍيءَ جي ٻاهران منجيءَ تي ويهي لنگر پاڻ هلائيندا هئا. ڪشمش فقير اڌ سير کڻ چانورن جو ديگڙو تيار ڪري اچي رکندو هو. پاڻ انهيءَ ديگڙي جي مٿان ڪپڙو وجهي ڇڏيندا هئا ۽ ڪپڙي جي اندران ديگڙي منجهان هر هڪ ماڻهوءَ کي لڪر جي ڦيلي ڀري ڏيندا هوا جنهن منجهان سارو فقراءُ ۽ ڳوٺ جو سمورو غريب طبقه کائيندو هو. جڏهن سڀ ماڻهو لنگر وٺي ويندا هوا تڏهن ڪپڙو کڻي ڇڏيندا هوا ۽ ڪشمش فقير خالي ديگڙو موٽائي کڻي ويندو هو. لطف وري اهو هوندو هو جو ڪوبه ماڻهو اگرچ ڪيترو به کائيندڙ هوندو هو ته هن کي انهيءَ هڪ ڦيليءَ منجهان ڍءُ ٿي ويندو هو. ڪوبه ماڻهو ٻئي ڦيلين وٺڻ جي ضرورت محسوس نه ڪندو هو.

هر هڪ شام جو روزينه پاڻ هلائيندا هوا. يعني ته هر هڪ ماڻهو جو روز مقرر ٿيل هوندو هو. شام جو اچي هن سخي مرد کان وٺندو هو. جڏهن حسب الدستور شام

جو ڳوٺ جو غريب طبقہ روز وٺڻ لاءِ اچي حاضر ٿيندو هو تڏهن پاڻ سنڌ جو ور مٽي ڪٽي ڇڏيندا هوا پوءِ هر هڪ ماڻهوءَ ڪان پڇندا هوا تہ ابا تنهنجو گهڻو روز آهي؟ سائل ورندي ڏيندو هو تہ سائين منهنجو اٺ آنہ روز آهي پوءِ ور ۾ هٿ وجهي ٻاهر ڪڍندا هوا تہ پورا اٺ آنا نڪري ايندا هوا. ڪڏهن هڪڙو پئسو بہ گهٽ وڌ نہ ٿيو اهڙي طرح سيٺي ڪي روزانہ روز ڏيڻ فرمائيندا هوا. جڏهن سڀ سائل روز وٺي رهندا هوا تڏهن پاڻ دريافت ڪرڻ فرمائيندا هوا ابا سيٺي روز ورتو؟ جڏهن جواب ايندو تہ هائو سائين سيٺي روز ورتو. تڏهن اهو ور لاهي ڇڏيندا هوا. ياد رکڻ گهرجي تہ پاڻ هميشه ململ جو پهراڻ پائيندا هوا جنهن منجهان بخوبي معلوم ٿي سگهندو هو تہ ور خالي ڪنيل هوندو هو منجهس پيل ڪجهہ بہ نہ هوندو هو.

لباس

پاڻ هميشہ هرڪ جي اڇي سنڌ ۽ ململ جو اڇو پهراڻ پائيندا هوا. سردي جي موسم ۾ پهراڻ جي مٿان ڪپهہ جي گدي پائيندا هوا ڪين فقط هڪڙو وڳو هوندو هو. هر نئين ڏينهن تي قدرت وارو ڪين نئون وڳو موڪليندو هو ۽ اهو نئون وڳو پائي اڳيون ڪنهن سائل ڪي ڏئي

چمڪيندا هوا. پيرن ۾ سنڌي جتي پائيندا هوا ۽ ڪچهريءَ
جي وقت نيري سٿڻ ۽ سائو چولو پائيندا هئا ۽ سر مبارڪ
تي سائي دستار مبارڪ جي مٿان سائي چادر ويڙهي ويهندا هئا.

اخلاق

حضرت سخي سرتاج ۾ خلق محمدي ڪمال درجي جو هوندو هو. هر هڪ انسان اعليٰ خواه ادنيٰ سان خوش خلقي ۽ خنده پيشانيءَ سان پيش ايندا هئا ۽ دوران گفتگو ڪئي دفعا خوش خير و عافيت ڪندا هوا. سندن گفتگو شيرين ۽ دلپزير هوندي هئي. ان ۾ ايترو ته اثر ۽ تاثير سمايل هوندو هو جو ڪهڙو به مصيبت جو ماريل ۽ سورن جو ستايل سندن سامهون اچي ويندو هو ته هن جا سڀ غم غلط ٿي ويندا هوا ۽ هن ڪان پنهنجو وطن وسري ويندو هو. سندس خلق عظيم ۽ قرب ڪمال ايترو ته وسيع هوندو هو جو هر هڪ انسان ننڍو خواه وڏو، غريب خواه غني ائين تصور ڪندو هو ته سخي سرتاج جهڙو مونسان ريجهل آهي اهڙو دنيا ۾ ٻي ڪنهن سان ريجهل نه هوندو، سڀڪو پنهنجي حال ۾ مست هوندو هو. خاص ڪري ڪسمن ٻارن سان سندن ڪافي محبت هوندي هئي سندس محبت جو جادو اثر ۽ تاثير ايتري قدر وسيع ۽ مايه ناز هوندو هو جو ڳوٺ جي هر ڪوچه

۽ گلي، شاخ ۽ شهر، هر انس و جان مان محبت جي خوشبوءِ ايندي هئي. سندس محبت جي مهراڻ جي موج سارو ملڪ محبت سان سر سبز ۽ شاداب ڪري ڇڏيو. سر تاج الشعرا شهنشاه عشق حضرت سچل سرمست پنهنجي مثنوي رهبر نامه ۾ فرمايو آهي:-

موج از درياه چون بيرون فتاد

بطرف دشــت چنان رو نهاد

دشت هم سيل ز درياه شود

بعد ازان سبزه صحرا بود

گر نه زند موج همان آب کو

تا که بصحرا رخ سيلاب او.

معني: جڏهن چولي درياه کان ٻاهر اٿلي. ته بيابان جي طرف رخ ڪيائين. بيابان سارو درياه جي وهڪري هيٺ اچي ٿو. تڏهن بيابان سرسبز ٿئي ٿو. جيڪڏهن درياه اهڙي طرح لهريون نه هڻي، ته هيءُ سيلاب جو رخ بيابان جي طرف ڪٿان ٿئي.

هن موج زن درياه جي لهرين جهنگ جهر سر سبز ۽ شاداب ڪري ڇڏيو. گهر گهر منجهان سخي سخي جو نعره گونجڻي رهيو هو.

ديس به ديس جا جوڳي دعا طلب ڪرڻ لاءِ اچي

ڪنا ڏيندا هئا. جو به شخص راڌڻپور اسٽيشن کان لهي درگاه طرف رخ رکندو هو سو ڪلندو ۽ باغ و بهار ڏسندو ايندو هو، مگر جڏهن واپس اسٽيشن ڏانهن ورندو هو ته روئندو ويندو هو. اهڙا ڪيترا مثال موجود آهن جن پنهنجي اصلي وطن کي خير باد چئي پنهنجي سموري زندگي سندس خدمت اقدس ۾ بسر ڪئي. ڪن ته پاڻ کي مدفون به درگاه شريف تي ڪرايو. جڏهن جڏهن به آفيسون بند هونديون هيون ته سڀ ڏي طالب اهو مو ڪل وارو عرصو درگاه شريف تي بسر ڪندا هوا يا جڏهن ڪا عيد يا ڏڻ وار ايندو هو ته سڀ ڪو طالب اهو موقعو مرشد جي خدمت ۾ گذارڻ باعث سعادت سمجهندو هو. اسلامي دستور مطابق هر خاص وعام سان پاڪر پاڻي ملندا هوا ۽ پاڪر پاڻي موڪلائيندا هوا ۽ موڪلائڻ وقت هن کي ڪجهه نه ڪجهه سوکڙي يا پاڪر بخشيندا هوا.

نوٽ

سچل سرمست ڪاليج ۾ ”سچل ڏي“ جي موقعي تي هڪ اديب صاحب گوهر افشاني ڪرڻ فرمائي هئي ته شاه صاحب ماٺيڻو درياه آهــي، جنهن منجهان موتي ڪڍي سگهجن ٿا. سچل وهندڙ درياه آهي جو وهي هليو ويو. مٿيون

فارسي بيت انهي اديب صاحب لاءِ دندان شڪن جواب آهي. اميد ته اديب صاحب هيئنر پنهنجي غلطي محسوس ڪندو. (مولف)

ڪچهري

ڪتاب "دولهه درازي" ۾ واضح نموني ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته حضرت خواجه عبيدالله جيلاني روانگيءَ کان اڳ ڪي ارشاد حضرت خواجه محمد حافظ سائين جن کي سمجهائي ويو. انهن مان پهريون ارشاد اهو هو ته "اوهان ۽ اوهان جا جاءِ نشين درگاه شريف جي مقرر ڪيل لوڙهي اندر رهن ۽ ٻاهر نه نڪرن." اهو دستور ان وقت کان وٺي اڄ ڏينهن تائين برابر قائم رهندو آيو ٻاهرين دنيا کان لاتعلق ٿي هڪ جاءِ تي رهڻ ۾ ڪا وڏي مام ۽ معماسمايل آهي جا فقط سالڪ ئي سمجهي سگهن ٿا. حضرت خواجه محمد حافظ پير مغان جي فرقت کان سخت دلگير ٿي عرض ڪيو ته "قبلا! اوهانجي ديدار فرحت آثار ۽ حضرت سرور ڪونين رحمت العالمين صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت فيض بشارت کان هميشه لاءِ محروم رهڻ سبب دل ضرور بيچين ۽ بيقرار رهندي." جنهن تي خواجه عبيد الله سائين ازراه ڪرم فرمايو ته "اوهان دلگير نه ٿيو اوهان وٽ روزانه

سردار دوجهان نبي آخر زمان صلي الله عليه وسلم جن جي
ڪچهري صبح ۽ شام ٿيندي ايندي، جتي اسان ۽ جملہ
عاشق شمع محمدي ۽ اولياءِ ڪرام سڀ موجود هوندا ۽
سڀني جي زيارت فيض بشارت اوهانکي گهر ويٺي نصيب
ٿيندي رهندي ۽ اوهانکي ڪڏهن به ڪنهن جي احتياج درپيش
نہ ايندو" سبحان الله! اهڙي عالي بشارت ڀي ڪنهن عارف
۽ عاشق تي عطا ٿيل مشڪل بڌڻ ۾ ايندي. انجي گواهي
فقير نانڪ يوسف عارف پنهنجي ڪلام ۾ هيٺين موجب
پيش ڪئي آهي.

ڪلام

حڪم ايهو درگاهون مولا - قادر قدس ڪرارو ٿي
شاه قطب جيلاني جو شوقئون - طبل نينهن نقارو ٿي
روز ڪچهري پيغمبر جي - شاه درازن وارو ٿي
قدم قدم تي حج قبوليت - زياده مقصد وارو ٿي
هيءُ دم وري هٿ نہ ايندءِ - پر ڌي پنڌ سوچارو ٿي
لڱج نہ لاري ڀي ڪنهن ڪنهنجي - سولو ڏريو ڏارو ٿي
ڪاڏي ڪن ڪيا تي ٻوڙا - ڳالهہ اها سچ سارو ٿي
ٻوڙي وڃ درازين دل سان - قلب اجا جي ڪارو ٿي
ملڪ فلڪ سڀ ڪرسي اتي - روشن رين ستارو ٿي

پاڻ وسارج جي جيءُ جيارج - تنهن ۾ مطلب سارو ٿي
يار يقين رکو هک هردي - درشن دل ديارو ٿي
سخي صاحب سرتاج سيني جو - عاشق عشق اجارو ٿي
عشق منجهان اچي عبد سڏائين - ناته الله سچ سارو ٿي
"نانک يوسف" يار سڃاڻج - عمر اها دم گذارو ٿي

پنهنجن بزرگن جي ارشاد مطابق سخي سرتاج وٽ صبح وشام بلا ناغه ڪچهري ٿيندي هئي جتي باقاعده آواز ڪلام ٿيندو هو سڀ طالب مريد با ادب اکيون بند ڪري ڪنڌ هيٺ ڌري مرشد جي تصور ۾ مستغرق ٿي ويندا هوا. پهريون ڪلام سائين فتح علي شاهه ۽ گاجي فقير شروع ڪنداهواءِ ڏمالي فقير ڍولڪ وڄائيندو هو. وچ ۾ ٽولي وارن کي پڙوارو ڏنو ويندو هو. آخر ۾ به مقرر ٿيل قوال ڪالو ۽ جنگو شيدي چونڪي ڏيندا هوا.

ڪچهري جي حقيقت

سجاده نشين صاحب جي ڪچهري ۾ جڏهن آوازڪلام شروع ٿيندو هو ۽ پاڪ روحن جي آمد ٿيندي هئي ته هر عام ويٺل ماڻهوءَ کي جو ٿورو خيال وارو هوندو تنهنکي اک پوڻي ويهڻ سان روح کي راحت ايندي ۽ کيس الله ياد ايندو. مگر جيڪڏهن سندس خيال کي زياده ترقي حاصل آهي ته

ڪيس هڪ غير معمولي خوشبوء محسوس ٿيندي تنهن کي ڪنهن به سينٽ يا عطر سان مشابهت ڏني نه سگهبي مگر جيڪڏهن سندس خيال کي اڃان به زياده ترقي حاصل آهي ته ڪيس اک ڀونڻي ويهڻ سان نهايت سفيد ڳاڙهي رنگ تي مائل روشني نظر ايندي، مگر جيڪڏهن هو صاحب بصيرت آهي ته هن کي سڀڪجهه عيان نظر ايندو. خواجه عبيدالله جيلاني جي اڳ ڪيل پيشنگوئي اڄ به موجود آهي، مگر جڏهن ڪو صفا بي خيالو آهي، سو انڌي جي مثال آهي، هنکي مٿين چئن ئي ڳالهين مان هڪ ڳالهه نظر نه ايندي. (مولف)

حسيني ٽولو - عشق کي نئون ..ر زنده ڪرڻ لاء هن محي العشق پنهنجي طالبن جو هڪ ٽولو تيار ڪيو جنهن تي "حسيني ٽولو" نالو رکيو ويو. انهيء ٽولي ۾ جيڪو به داخل ڪيو ويندو هو ان کي ڳيڙهو رنگ جي الفي پارائي ويندي هئي. ميان رسول بخش صاحب کي سائي دستار پڌائي انهيء ٽولي جو خليفه صاحب مقرر ڪيو ويو.

سردار بهادر محمد بخش جي سوانح حيات ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته هو پهريون ئي مسلمان آفيسر هو جو هالن ڊويزن تي ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي فائز ٿيو. تنهن ڪري حيدرآباد شهر جو عامل طبقه هن جي سخت مخالفت ڪرڻ

لڳو ۽ هن جي خلاف ڪيئي درخواستون ڪيون ويون.
هڪ ڏينهن جيئن جوهو درگاه شريف تي آيو ته سخي سرتاج
جن هن کي ڏسي مشڪي فرمايو "ابا! متان دلگير ٿئين.
ايهي سڀ توکي مريد ڪري ڇڏيندا سون." سرتاج الشعرا
حضرت سچل سرمست جو شعر آهي ته:

"جيهي تيهي نون عشق نه پڇندا - ماري عشق اميران"

سو هن ثاني سچل جي عشق جي تير ڀيرياٿين ڀيرياٿن
حيدرآباد جي هڪ ممتاز فئملي تي اثر پيدا ڪيو جنهن
ڪري راءِ بهادر جڳت سنگهه ڪلڪٽر ۽ ديوان منگهارام
ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ديوان مولچند بار- ائٽ لا ٽئي ڄڻا اچي
سردار بهادر جي پيش پيا ۽ هن کي عرض ڪيائون ته اسان
کي به پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ پيش ڪر ۽ مريد ڪراءِ.
جنهنڪري هو ٽيئي ڄڻا اچي مريد ٿيا. پوءِ ته حيدرآباد جو
ذات عامل فئملين سميت سردار بهادر جي معرفت اچي
سخي سرتاج جا مريد ٿيا. حيدرآباد جي مريدن جي رهائش
لاءِ سائين بادشاه جن هڪ خاص لانڍي ٺهرائي جا حيدآبادين
جي لانڍي نالي مشهور ٿي ۽ حيدرآباد جي طالبن لاءِ ديوان
مولچند کي گيڙو دستار ٻڌائي خليفه مقرر ڪيو ويو.

هن محي العشق جي لا محدود عشق جي شعله وري

وچي خيرپور ۾ پڙڪو ڪاڌو جنهنڪري خيرپور رياست جا ملازم ڏاڍا ڏاڍا مريد ٿيندا ويا. خيرپور جي ٽولي لاءِ آغا غلام النبي خان بتخلص "آغا صوفي" کي سائي دستار بڌائي خليفہ مقرر ڪيو ويو. اهڙيطرح شهر شهر جي طالبن لاءِ جدا جدا خليفہ مقرر ڪيا ويا. مطلب تہ گهر گهر سان بربحر سان ۽ شجر سان سخي سخي جو لفظ گونججي رهيو هو.

هيءَ هڪ قابل ذڪر حقيقت آهي تہ خيرپور جي ملازمن جي ايتري رجوعات تنهن وقت جي وزير صاحب سردار محمد ابراهيم خان کي ناگوار نظر اچڻ لڳي جنهن ڪري هن درگاه ۽ درگاه جي طالبن جي مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي جنهن تي هڪ دفع آغا صاحب اچي ڪچهري ۾ ڪلام پيش ڪيو:

اميرن وزيرن ڪانهي ڪاڻ ڪائي

ملنگ مست آهيون اسان مرتضائي

انهيءَ ڪلام وزير صاحب جي غصي ۾ اضافو پيدا ڪيو. آخر هو ايتريقدر غصہ ۾ آيو جو چوڏهين مبارڪ جي ميڙي بند ڪرائڻ لاءِ آماده ٿي ويو. هيءَ حقيقت جڏهن سائين بادشاه جن جي حضور ۾ پيش ڪئي ويئي تہ پاڻ فرمايائون ابا! "جيڪو فقيرن سان کهندو، سو ڪڏهن نہ

رهندو.“ نتيجو اهو نڪتو جو وزير صاحب کي پنهنجي عهدي تان سبڪدوش ٿيڻو پيو. وزير صاحب اها اوچتي مصيبت سخي سرتاج جي طرف کان رنجيدگي سبب نازل ٿيل محسوس ڪئي جنهن ڪري هن آغا صاحب کي دعا طلبي لاءِ حضور ۾ موڪليو. جنهن اچي اهو ڪلام چيو: ”ڪلا ڪوڙ قبلا- ڪلا ڪوڙ قبلا“ پاڻ مشڪي فرمايو ته ابا، ڪاريگر جو ڪان وهي ويو. هينئر ڪجهه نه ٿيندو. آخر وزير صاحب وچاري خيرپور کي خيرباد ڪري اچي پنهنجو وطن وسايو.

مساوات، اتفاق ۽ اتحاد

جهڙي دستور مسلمانن ۾ اتفاق ۽ اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ حضرت محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو حڪم صادر ٿيل آهي ته جمع نماز ساري محلي جا مسلمان هڪ مسجد ۾ اچي ادا ڪن ۽ حج بيت الله لاءِ ساري دنيا جا مسلمان هڪ وقت ۽ هڪ هنڌ اچي جمع ٿين- اهڙي دستور هن عاشق رسول الله پنهنجن طالبن ۾ اتحاد ۽ اتفاق قائم لاءِ حڪم صادر ڪرڻ فرمايو هو ته ساري شهر جا طالب جمع رات هڪ هنڌ جمع ٿي چونڪي ڪن. پاڻ ۾ وروه ونڊن، جنهن مطابق انهن ڏينهن ۾ ڪراچي ۾ ديوان ريجهو مل جي اوطاق ۾ ۽ ديوان ولبداس ڏيهي ڪليڪٽر

جي بنگلي ۾ واري سان چونڪي ڏينديون اينديون هيون جا پارٽيشن بعد بند ٿي وئي ۽ حيدرآباد ۾ سردار بهادر محمدبخش جي بنگلي ۾ ڏينديون اينديون هيون ۽ هن جي رحلت بعد سندس مزار تي ڏينديون اچي ٿيون ۽ روهڙي شهر ۾ هن مؤلف جي جهوپڙي ۾ ڏينديون اينديون هيون ۽ اڄ به ڏينديون اچي ٿيون ۽ شڪارپور ۾ خليفه رسول بخش صاحب جي اوطاق ۾ ڏينديون اينديون هيون جا هينئر بند ٿي وئي آهي. اهڙي دستور هين شهرن ۾ به چونڪيون هيون سا گڏي دستور درگاه شريف تي اڄ لاءِ به، موقعا مقرر ٿيل هوندا هئا، جنهن موقع تي ساري سنڌ جا طالب اچي جمع ٿيندا هوا.

امير ۽ فقير جي پوشاڪ جي امتياز مٽائڻ لاءِ ابهو حڪم هوندو هو ته سڀ طالب غريب ۽ غني الفيون پائي سر برهنه ٿي اچي ڪچهريءَ ۾ حاضر ٿين. تنهن زماني ۾ الله ۽ مرشد جو گفتگو ۽ آواز ڪلام سيني جو ورد هوندو هو. زماني جي ايءِ ڪا به قيل قال ڪانه هوندي هئي ۽ نڪا اخبار ئي اينديون هيون. لنگر پاڻ ۾ چندو ڪري تيار ڪيو ويندو هو. مرشد کي انهيءَ لاءِ ڪا به تڪليف نه ڏني ويندي هئي. اهو رواج اڄ ڏينهن تائين به هلندو اچي ٿو. لنگر تيار ڪرائڻ ۽ تقسيم ڪرڻ جو ڪم مولف جي حوالي هوندو

هو، جو اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي ٿو، ننگر ٽڪر جي پائوڙن ۽ ڦيلين ۾ ورهاست ڪيو ويندو هو جو رواج اڄ ڏينهن هلندو اچي ٿو. هر هڪ طالب مرشد جي در تي رياضت ۽ خدمت ڪرڻ باعث فخر ۽ سعادت سمجهندو هو مگر افسوس جو هينئر طالب انهي رياضت ۽ خدمت کي باعث ذلت ۽ مصيبت سمجهن ٿا.

شعر ۽ شاعري

ڪن اديبن صاحبن "قبول" جي نالي سان چيل شعر حضرت سخي قبول محمد سائين ڏانهن منسوب ڪيو آهي مگر حقيقت انجي برعڪس آهي. جڏهن حضرت سخي سرتاج جن ڪان پڇيو ويندو هو ته اوهان شعر چوندا ٿا ڇو تڏهن پاڻ فرمائيندا هوا ته سچل بادشاه شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جي سڀني پهلوئن تي بي حد ۽ بيشمار شعر چيو آهي ۽ الله جا سمورا مخفي ۽ پوشيدا سراسرار راز رموز اظهر عيان ڪري ڏيکاريا آهن ۽ ڪوئي به پهلو خالي ڪونه ڇڏيو آهي جنهن تي طبع آزمائي ڪئي وڃي سندس ڪلام طالب حق لاءِ مشعال راه آهي.

اهوئي سبب آهي جو شعر گوئي جو سلسلو قطعي بند ٿي ويل آهي. سجاده نشين صاحبن لاءِ ڪو نئون رستو رهيل

ڪونہ آهي جنهن موجب طالبن کي تلقين ڪئي وڃي.

بعيت جو سلسلو

"دولهہ درازي" ڪتاب ۾ بعيت جي سلسلي جو بيان مفصل طرح ڏيکاريو ويو آهي. تنهنڪري هن ڪتاب ۾ فقط ايترو ڏيکاريو وڃي ٿو تہ بعيت قادري طريقہ جي ورتي وڃي ٿي اگرچہ چشتي طريقہ موجب راڳ ويراڳ ۽ سماع جو رواج بہ هلندو اچي ٿو.

صورت ۽ سيرت

سخي سرتاج جي صورت نوراني، منور پيشاني، حسن لاثاني هوندو هو. خط ۽ خال دلڪش، چشم آهو مثل، ليڪن پر ڪيف هونديون هيون. گيسو دراز جن کي مٿي جي وچ تي چوڙو ڏاهي ٻڌي ڇڏيندا هيا. ريش مبارڪ سفيد ۽ ڀريل هوندي هئي. قد درمياني هٿ پير ننڍا نازڪ ۽ نرم هوندا هوا. ڀاڻ اڪثر پدري شفقت ڪري پنهنجي ڪنهن پياري طالب يا فقير يا وقتا ڪنهن اجنبي ماڻهو کي هٿ هٿ ۾ ڏيئي هلندا هوا سندس هٿن مبارڪن ۾ ايڏو تہ لطف هوندو هو جو جيڪڏهن ڪنهن منڪر مزاج کي بہ اهو شرف حاصل ٿيو هوندو تہ ان جي دل بہ ڪڏهن اهو گوارا نہ ڪيو هوندو تہ اهو هٿ هٿ کان جدا ڪيو

وچي. ذڪر ڪيل آهي ته ماه مارچ سال ١٩١٥ع ۾
روهڙيءَ جو هڪ ڇوڪر تازو سخي سرتاج جو طالب ٿي
آيو هو. هڪ ڏينهن اوطاق ۾ گهڻا دوست اچي گڏ ٿيا هڪ
هندو دوست هن جي ڪلامن جو ڪتاب ٿي پڙهيو جن ۾
هن پنهنجي مرشد سخي جي عالي مراتب ۽ حسن جمال جي
تعريف ۽ توصيف ڪئي هئي. جنهن بعد سندس دوست هن
کان سوال پڇيو ته تو پنهنجي مرشد جي حسن جي ايتري
تعريف ڪئي آهي، بيشڪ تنهن جي نظر ۾ سندس حسن
بي مثال هوندو مگر بظاهر تنهنجي مرشد جو حسن اهو آهي
جو مير تي رکيل تصوير مان معلوم ٿي سگهي ٿو. هو
ويچارو انهيءَ دوست کي سندس سوال جو جواب ڏيئي نه
سگهيو جنهن ڪري هن کي صبر اختيار ڪرڻو پيو. رات جو
سندس مرشد سخي پنهنجو قرب ڪري خواب ۾ پنهنجي زيارت
سان هن کي مشرف ڪرڻ فرمايو ۽ مشڪ فرمايو ابا، تون
پنهنجي دوست کي اسان جي حسن بابت پڇيل سوال جو
جواب ڏئي نه سگهين؟ ڀلا هاڻي تون اسان جو حسن
ڏسندين؟ هن وڏيءَ خوشيءَ سان جواب ڏنو ته "هائو قبلا"
پاڻ وري جلال سان فرمايائون " پر پوءِ تون انهيءَ حسن
جو تاب جهلي سگهندين؟ هن ويچاري جي خوشي غم ۽
مايوسي ۾ متجي ويئي ۽ نهايت عاجزيءَ سان عرض ڪيو

۽ قبلا انهيءَ حسن جو تاب ته حضرت موسي ڪليم الله پيغمبر جهڙو مرد به جهلي نه سگهيو. سو هي بندو ڪهڙي چيز آهي؟ تاب جهلڻ جي طاقت به اوهان ئي عطا ڪرڻ فرمائيندا. پاڻ فرمايائون ڇگو ڀلا ڏس، پوءِ ڇا ٿيو؟ انهيءَ بيان عيان ڪرڻ جي قلم کي طاقت نه آهي. صرف ايترو اظهار ڪري سگهجي ٿو يڪدم اهو شعاع ٿي ويو جنهن ۾ ڳاڙهو شعلو باه جو چڙهي آيو جنهنڪري هو چرڪ ڀري ننڊ مان اٿي ويٺو. سندس بدن ۾ سخت لرزش پيدا ٿي ۽ پسيني ۾ پاڻي ويو ۽ کيس غشي وٺي وئي ۽ انهيءَ غشيءَ ۾ کيس ننڊ اچي وئي وري جڏهن پهر سجاڳ ٿيو ته هن پاڻکي بلڪل ٺيڪ سمجهو.

سخي سرتاج جن پاڻ سڀ ڪنهن نشي کان پاڪ هوندا هئا. سندس حاضريءَ ۾ پيو نشو ته بجاءِ خود مگر ڪو فقط بيڙي ڇڪڻ جي به همت ساري نه سگهندو هو منجهن ڪم گفتن، ڪم خوردن ۽ ڪم خفتن جي عادت هوندي هئي.

سخا جو لقب

”دولهه درازي“ ڪتاب ۾ ذڪاريو ويو آهي ته ڪيئن حضرت سخي قبول محمد اول پنهنجو پيارو پسر رب جي راه ۾ قربان ڪيو هو جنهنڪري کين رب پاڪ جي طرفان سخا جو اعلي خطاب عطا ٿيو.

فرمايائون تہ "وڏيءَ خوشيءَ سان" جنهن تي هو غيبي شخص سائين جن جي روضي مبارڪ جي پرواري جهنگ ڏانهن وٺي ويو. پير صاحب بہ هنن جي پوئتان آهستي هلڻ لڳو. غيبي شخص پير صاحب کي حڪم ڪيو تہ تون پوئتي موٽي هليو وڃ، مگر پير صاحب محبت جي جذبہ کان پوئتي هٽي نہ سگهيو. جهنگ ۾ پهچي شرط غيبي شخص سائين بادشاه جن کي پٽ تي سمهاري مٿس تي ترار وهائي ڪڍي ۽ پوءِ چادر مٿان وجهي هلڻ لڳو. ترار جي سرڪاٽ تي محبت جي جذبہ کان پير صاحب يڪدم ڊوڙي وڃي غيبي شخص کي ٻانهن کان پڪڙيو ۽ ڪاڻونس تحقيقات ڪرڻ لڳو تہ هي ناحق خون تو ڇو ڪيو؟ غيبي شخص مشڪي ڪيس جواب ڏنو تہ پنهنجي دوست کي هينئر ڪٿي وڃ ۽ پاڻ غائب ٿي ويو. پير صاحب وڏي وڃي، سائين جن جي مٿان چادر لاٿي ۽ سندس خوشي جي حد نہ رهي جو ڏسي تہ سائين جن بلڪل صحيح سلامت سُتا پيا آهن. پوءِ پير صاحب سائين جن کي اتان اٿاري ڪچهري واري بنگلہ ڏانهن وٺي آيو تنهن ڏينهن کان پوءِ سندس سخا جو نالو ديس پرديس مشهور ٿي ويو. سر جي سخا جي علاوه ڪنهن بہ پي سوال لاءِ ڪو بہ سائل سندس در تان خالي نہ ويو. اگرچہ ان سائل جو سوال فيض الاهي لاءِ

هجي يا دنيوي مقصد لاءِ هجي.

ذڪر آيل آهي ته ماستر احمدعلي فقير ڪيهڙن جي شهر ۾ هيڊ ماستر هيو. هڪ ڏينهن وٽس هڪڙو سيد آيو جنهن جو نالو سيد صالح شاهه هيو جو نهايت اڙٻنگ هوندو هو. هن اچڻ شرط ماستر صاحب کي چيو ته تنهنجو مرشد پاڻ کي سخي ٿو سڏائي هو مونکي الله ڏنکاربندو؟ ماستر صاحب هنکي انلاءِ ڪو به جواب ڏئي نه سگهيو. جنهن ڪري شاهه صاحب موٽي هليو ويو. انکان پوءِ هيڊ ماستر صاحب درگاهه شريف ڏانهن ويو. حضرت سخي سرتاج هنتي ڪرم ٿي فرمايو ته تو وٽ سيد آيو هو مگر تون اسان جو ضامن نه پئين ۽ هنکي نا اميد ڪري موڏائي ڇڏيئه.

تو اسان ۾ ڪهڙي ڪمي ڏٺي هئي جو تو هنجو شرط قبول نه ڪيو هيئنر موٽي وڃ ۽ هنکي وٺي اچ اسان هنجو شرط قبول ڪيو آهي. ماستر صاحب موٽي ويو ۽ گهڻي جستجوءِ بعد هنکي درگاهه شريف تي وٺي اچي سخي صاحب وٽ پيش ڪيو. هن سخي مرد هنتي فيض توجه وجهي فرمايو ته سائين سچل بادشاهه وٽ سيد خيرشاهه فقير هوندو هو. اسان اوهانکي اهو خيرشاهه وارو رتبو بخشون ٿا. پوءِ هو واصل باالله ٿي ويو ۽ سيد صالح شاهه جي بجاءِ سيد خيرشاهه سڏجڻ لڳو هنجي درگاهه ڪيهڙن تعلقه ڳڙهي ياسين ۾ آهي. ظاهري سخا

هجي يا دنيوي مقصد لاءِ هجي.

ذڪر آيل آهي تہ ماستر احمدعلي فقير ڪيهر جي شهر ۾ هيڊ ماستر هيو. هڪ ڏينهن وٽس هڪڙو سيد آيو جنهن جو نالو سيد صالح شاهہ هيو جو نهايت اڙٻنگ هوندو هو. هن اچڻ شرط ماستر صاحب کي چيو تہ تنهنجو مرشد ڀاڻ کي سخي ٿو سڏائي هو مونکي الله ڏنڪار ٻندو؟ ماستر صاحب هنکي انلاءِ ڪوئي جواب ڏئي نہ سگهيو. جنهن ڪري شاهہ صاحب مونکي هلبو ويو. انڪان پوءِ هيڊ ماستر صاحب درگاهہ شريف ڏانهن ويو. حضرت سخي سرتاج هنتي ڪرم ڪري فرمايو تہ تـو وٽ سيد آيو هو مگر تون اسان جو ضامن نہ ٿئين ۽ هنکي نا اميد ڪري موٽائي ڇڏيئہ.

تو اسان ۾ ڪهڙي ڪمي ڏٺي هئي جو تو هنجو شرط قبول نہ ڪيو هينئر مونکي وڃ ۽ هنکي وٺي اچ اسان هنجو شرط قبول ڪيو آهي. ماستر صاحب مونکي ويو ۽ گهڻي جستجوئي بعد هنکي درگاهہ شريف تي وٺي اچي سخي صاحب وٽ پيش ڪيو. هن سخي مرد هنتي فيض توجہ وجهي فرمايو تہ سائين سچل بادشاهہ وٽ سيد خيرشاهہ فقير هوندو هو. اسان اوهانکي اهو خيرشاهہ وارو رتبہ بخشيون ٿا. پوءِ هو واصل باالله ٿي ويو ۽ سيد صالح شاهہ جي بجاءِ سيد خيرشاهہ سڏجڻ لڳو هنجي درگاهہ ڪيهر تعلقہ ڳڙهي ياسين ۾ آهي. ظاهري سخا

جو ايهو عالم هو جو ونس پئسو سانوڻ جي برسات وانگر وسندو هو مگر سڀ رب جي راه ۾ لٽائي ڇڏيندا هوا ۽ شام جو وٽن هڪ پئسو به ڪونه رهندو هو. جيڪڏهن ڪو دنيا جو سائل اتفاقا انهيءَ وقت ايندو هو جو پئسو موجود نه هوندو هو ته پنهنجو غاليچو جنهن تي ويهي ڪچهري ڪندا هوا اهو به واڻي وٽ گروي رکي سائل جو سوال پورو ڪندا هوا. هڪ دفع جو ذڪر آيل آهي ته ڪو سائل آيو ۽ سوال ڪيائين ته توهان سخي مرد آهيو اڄ مونکي نئون وڳو پهراءِ. پاڻ فرمايائون ته هينئر ڪو ڪپڙو موجود نه آهي توهان ترس الله ڪو وڳو موڪلي ته توکي ڏئو ويندو.

جنهن تي سوالي چيو ته ايهو بدن جو نئون وڳو لاهي ڏي پاڻ گوڏ ٻڌي اهو بدن جو وڳو سائل کي لاهي ڏنائون.

نموني طور سخاوت جا فقط ٻه چشمديده مثال قلم بند ڪيا وڃن ٿا.

هڪ ڏينهن سائين جن جو وڏو فرزند گهوڙو سنجائي سفر تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيو مگر دستور مطابق پهريان سائين جن کان اجازت وٺڻ آيو سنجل گهوڙو ٻاهر پنهنجي فقير جي حوالي ڪري سائين جن کان اچي رخصت ورتي ۽ وري درگاهشريف تي زيارت تي ويو انهيءَ دوران هڪ سائل سائين جن وٽ آيو ۽ کين عرض ڪيائين ته الله جي نالي مونکي

گهوڙو ڏيو سائين جن فرمايو ابا ترس الله گهوڙو موڪلي ته توکي ڏيون سائل عرض ڪيو ته قبله ٻاهر گهوڙو سنجل بيٺو آهي اهو مونکي ڏيو سائين جن فرمايو ته بيشڪ ڪاهي وڃ سائل ٻاهر آيو ۽ سنجل گهوڙي تي ٽپ ڏئي چڙهي ويٺو ۽ گهوڙو ڪاهي ويو صاحب زادو جڏهن موٽي آيو ته ڏسي ته گهوڙو ڪونه آهي هن فقير ڪان پڇيو ته گهوڙو ڪاڏي ويو فقير ورندي ڏني ته سائين جن اهو گهوڙو هڪ سائل کي ڏئي ڇڏيو صاحب زادي مشڪي فقير کي چيو ته هلو ته موٽي گهر هلون سفر تي وري ٻئي ڪنهن دفعي هلنداسون.

درگاه شريف تي هڪ کوه آهي جنهن منجهان سندن سارو سارو خاندان ۽ سارو فقراءُ ۽ شهر وارا پاڻي ڀريندا آهن ماڻهن جي سهوليت خاطر کوه تي ڏاند هڪو ويندو هو ۽ سا ڳئي وقت ننڍو باغيچو به هيو هڪ ڏينهن هڪ سائل آيو ۽ سائين جن کي عرض ڪيائين ته مونکي الله جي نالي ڏاند ڏيو سائين جن فرمايو ابا ترس الله ڏاند موڪلي ته توکي ڏيون سائل عرض ڪيو ته کوه وارو ڏاند مونکي ڇوڙي ڏيو سائين جن فرمايو ته ڀلي ڪاهي وڃ سائل ايئن مان ڏاند ڇوڙي هليو ويو ۽ پاڻي ڀريندڙ هٿ سان ايئن ڪاهي پاڻي ڀرڻ لڳا.

پاڻ ڪنهن وقت رنجش ۾ ويهي روح رهاڻ ڪندي

فرمايائون ته ابا! هڪڙي دفع سائين صالح شاه ڪاٺ جي پيتي ٺهرائي اسان وٽ کڻي آيا ۽ فرمايائون ته چاچا سائين آئينده جيڪو پئسو اوهان وٽ اچي سو هن پيتيءَ ۾ وجهي رکندا ته پوءِ اوهان وٽ پئسو گڏ ٿيندو. اسان به سندس فرمان موجب پئسو انهي رکندا وياسون ٿن ڏينهن گذرڻ بعد الله اسانجو روز بند ڪري ڇڏيو. پوءِ اسان اها پيتي کولي سمورو پئسو راه مولي تقسيم ڪري ڇڏيو ته وري سائين الله اسان جو روز سوڪاڻ لڳو. جڏهن ايها ڳالهه ڪندا هوا ته ڏاڍو سٺڪندا هوا.

هيءَ هڪ قابل غور حقيقت آهي ته سندن بزرگن کي مير صاحبن وٽان ساڍا ٽي هزار ايڪڙ جاگيري زمين مليل هئي. ايتري زمين سنڌ ۾ بلڪ ساري پاڪستان ۾ ڪنهن درگاه کي مليل نه آهي.

پاڻ اها سموري زمين غريبن ۾ تقسيم ڪري ڇڏي هوائون ۽ انهن تي ڪو بٽئي جو حصو به مقرر ٿيل نه هو انهيءَ جي باوجود جيڪڏهن ڪو مراد وند ڪا ان جي ڳوڻ انهيءَ زمين جي پيدائش مان کڻي اچي نذرانه طور پيش ڪندو هو ته پاڻ فراخدلي سان اها ڳوڻ هن کي موٽائي ڏيندا هوا ۽ فرمائيندا هوا ته ابا، اهو آن تون پنهنجن ٻچڙن کي کاراءِ. اسان کي الله گهڻو ئي پيو ڏي. دنيوي

ڪمن جي سخا جو ته ڪو شمار ئي ڪونه ٿي سگهي. جن سوالين ڪي هن سخي مرد نوڪريون ڏنيون پڻ عطا ڪيا، بيمار شفاياب ڪيا يا ٻي ڪا دنيوي حاجت روائي ڪئي تن جا مثال پيش ڪرڻ کان قلم قاصر آهي. هڪڙن کي پڻ جو سوالي اهڙو هو ته فرمائيندا هوا ته اڀا وڃ توکي پڻ ڏيوسي. ان تي اسان جي فلاڻي نشاني هوندي ۽ ان تي فلاڻو نالو رکجانءِ جڏهن انهيءَ سائل کي پٽ تولد ٿيندو هي ته انجي بدن تي اها نشاني ضرور هوندي هئي. ميان عبدالغفور فاروقي کان روايت آهي ته سندس والد بزرگوار پوليس جي نوڪري کان ڪناري ڪري اچي گهر ويٺو ته سندس ٻه پٽ هڪ ٻي جي پٺيان رحلت ڪري ويا جنهن ڪري نهايت غمگين ۽ اداس گذارڻ لڳو هڪ ڏينهن هو پنهنجي گهر جي پرسان ويٺو هو ته اتفاقن سخي صاحب جن اچي اتان لانگهائو ٿيا هو سخي صاحب جن کي ڏسي پڇڻ لڳو. سائين جن هنکي سڏ ڪري بيهاريو ۽ هن کان پڇيو ته تون اسانکي ڏسي ڇو پڇين؟ هن خار ۽ غصي مان جواب ڏنو ته تو منجهان اسانکي ڪهڙو فائدو؟ منهنجا ٻه جوان پٽ فوت ٿي ويا توهان دعا به ڪانه ڪئي پاڻ مشڪي ور منجهان ٻه پتاشا ۽ هڪ ريوڙي ڪڍي هنکي ڏني ڪيس فرمايو ته هان وٺ جي ٻه پٽ اٿئي ۽ رونگ ۾ توکي ريوڙي

ٻہ ڏيون ٿا." قادر جي قدرت هن کي ٻہ پٽ تولد ٿيا.

هڪ ميان عبدالغفور جو وڏو ۽ ٻيو ميان عبدالمجيد ۽ ٻنهي کي پنهنجي پيءَ تي ٻتاشي جو نشان آهي ۽ هڪ ٻيائي جائي جنهن کي پيشانيءَ تي ريوڙي جي نشاني آهي.

سبحان الله! هيءَ تعجب خيز حقيقت آهي تہ جڏهن ڪو سائل ڪنهن ڪم لاءِ ايندو هو تہ انکي جڏهن فرمائيندا هئا تہ "اسان تنهنجو اهو ڪم ڪنداسين" تہ اهو پٿر تي ليڪ هو ۽ اهو ڪم ضرور ٿيندو مگر جڏهن فرمائيندا هوا تہ اها الله ڪندو تنهنجو ڪم ٿيندو" تہ اهو ڪم ٿئي يا نہ ان جي خاطري نہ هوندي هئي. سندن دور حڪومت ۾ ساري سنڌ جي گوشہ گوشہ مان سائل سفارتي خط وٺي ايندا هوا. پاڻ هڪڙي مهر ٺهرائي هوائون جنهن تي "قبول محمد فقير عاشق برعلي" جا لفظ اڪريل هوندا هئا. ماسترن درگاهي رقعو لکندو هو ۽ پاڻ انهي رقعي تي اها مهر هڻي ڏيندا هوا. مذڪور سفارشي خط ساريءَ سنڌ جا آفيسر هندو خواه مسلمان تسليم ڪندا هوا ۽ پاڻ لاءِ باعث سعادت سمجهندا هوا. اگرچ انهن کي اها تلقين ڪيل هئي تہ اسان جي درگاه فقيري درگاه آهي تنهنڪري اسان ڪنهن بہ سائل کي نا اميد نہ ڪنداسون. اوهان اسان جي انهيءَ خط کي دعانامہ ڪري سمجهندا ۽ ڪم انصاف مطابق ڪندا رهندا.

سيني کان گهڻا خط سردار بهادر محمدبخش ڏانهن ويندا هوا جو هو ان وقت ٻهريان هالن جو ڊپٽي ڪمشنر ٿيو هو.

مؤلف کي پڙهڻ چلائي ڇهه مهينا کن پنهنجي خدمت ۾ رکيو هوائون ڊيوٽي اها سپرد هئي ته درگاه شريف تي جيڪي سائل اچن تن جي خدمت ڪئي وڃي ۽ طالبن مريدن وٽان جيڪي خط اچن سي گذارش ڪرائڻ بعد حڪم مطابق انهن جا جواب لکي موڪليا وڃن. هڪ ڏهاڙي جو ذڪر آهي ته پن ترين جو پاڻ ۾ تڪرار ٿيو پنهي ترين پنهنجي فائدي ۾ خط لکي موڪليا. جڏهن اهي خط مؤلف پڙهيا هن جي مٿي ۾ اٿ اچي ويٺو ته جنهن به ڌر جي مان طرفداري ڪريان ته انهيءَ ڌر جي فائدي ۾ فيصلو ٿيندو. دستور مطابق مان ٽپال ڪئي سندس حضور ۾ حاضر ٿيس. هن کان اڳ همیشه ائين پڇڻ فرمائيندا هوا ته ابا، ڪنهن ڪنهن جا خط آيل آهن ۽ ڇا لکيو اٿن؟ مان فقط پڙهي ٻڌائڻ اکرن ۾ حقيقت عرض رکندو هيس ۽ پاڻ انجو جواب ٻڌائيندا هوا ۽ ان موجب مان انهن ڏانهن جواب لکي موڪليندو هيس. اهوئي پهريون دفعو هو جو حڪم ڪيائون ته خط کولي پڙهڻ شروع ڪيو. منهنجي حيرت جي حد نه رهي جو خط جو هڪ لفظ به مونکي سمجهه ۾ نٿي آيو حالانڪ خط سارو پاهران مطالع ڪري آيو هيس. پاڻ فرمايائون ته

ابا جلد کر خط پڙهي ٻڌاءِ. سونکي خط سمجهه ۾ اچي ته پڙهي ٻه ٻڌايان، ٻڌايان ڇا؟ جنهنڪري شرمساريءَ کان صبر ڪري ويهي رهيس. منهنجو پريشان حال ڏسي پاڻ مشڪي فرمايائون ته ابا هيئن لکيو اٿس ڇا ۽ خط ۾ نگاه ڪري ڏسان ته برابر ائين لکيل هو. مطلب ته خط منهنجي هٿ ۾ ئي رهيو پاڻ سارو احوال ٻڌائي ويا. آخرين فيصلو به ڏنائون ته فلاڻي ڌر برابر آهي ۽ فلاڻي ڌر غلط آهي. مان آئينده لاءِ توبهه ڪئي ۽ يقين آيم ته لکندڙ به پاڻ آهي ۽ واچيندڙ به پاڻ آهي سونکي وچ ۾ اجايو اڙايو اٿس.

سرتاج الشعرا سچل سرمست پنهنجي ديوان آشڪار ۾ فرمايو آهي ته:

”گاهي ارني گه تراني - هر دو جاري حکم اوست“

معنيٰ - رب ارني به - پاڻ چوي ٿو ۽ لن تراني به پاڻ جواب ڏئي ٿو ٻئي حڪم سندس آهن.

مٿئين جملي جي وضاحت هيئن ڏيکارجي ٿي حضرت موسيٰ عليه السلام جڏهن ڪوه طور تي ويندو هو ته عرض ڪندو هو رب ارني معنيٰ رب سونکي پاڻ ڏيکار. رب سائين وٽان جواب ملندو هوس ته ”لن تراني“ يعني تون ڏسي نه سگهندين جنهن تي حضرت سچل سرمست فرمائي ٿو ته رب ارني چوندڙ به تون پاڻ هئين ۽ پنهنجو پاڻ کي جواب ٿي ڏنو ته

ڏون ڏسين نہ سگھنديون.

يعني عرض ڪندڙ بہ ڏون پاڻ هنئين ۽ جواب ڏيندڙ بہ پاڻ هنئين.

ٻي دفعہ جو ذڪر آهي تہ مؤلف سندن ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو تہ، هڪ پنجابي لاهور کان آيل سندن حضور ۾ اچي حاضر ٿيو ۽ قدم بوسي ڪرڻ بعد هيٺ گلم تي ويٺو ۽ اردو زبان ۾ گفتگو شروع ڪيو پاڻ منهنجي طرف منهن مبارڪ ڪري فرمايائون تہ ابا، هي صاحب ڇاٿو چوي؟ بندي کي اڳيون تلخ تجربہ ياد هو جنهن ڪري صبر اختيار ڪرڻو پيو، پوءِ پاڻ هن سان اردو ۾ گفتگو شروع ڪيائون حالانڪ انهيءَ زماني ۾ سنڌ اندر اردو جو نام نيشان بہ نہ هو، هن سان اردو اهڙي تہ فصيح ڳالهائڻ شروع ڪيائون جو پنجابي خود حيران ٿي ويو ۽ هن موٽ ڏانهن منهن ڪري چيو تہ:

"آپ کا سائين اردو بہت اچھی جانتا ھے"

هڪ ڏينهن سخي داتا ڪچهري واري بنگلي ۾ ويٺل هوا ۽ مؤلف پڻ حضور ۾ حاضر هو تہ خان بهادر پير بخش ۽ سيد ڪرم علي شاه جيلاني صاحب ساڪن سکر اچي نڪتا ۽ قدم بوسي ڪري ويٺا دستوري خوش خير و عافيت بعد سخي داتا جن هنن کان پڇيو تہ ابا ڪهڙيءَ ڳالهيءَ ۾ آيا

آهيو هنن جواب ڏنو ته قبلا سائين گاڏيءَ ۾ ڪونه آيا آهيون اسان ڪار ۾ آيا آهيون. پاڻ فرمايائون ابا، اها ڪار ڇا ٿيندي آهي؟ (ياد رکڻ گهرجي ته انهيءَ زماني ۾ ڪارجو رواج اڃا نئون نڪتو هو) هنن جواب ڏنو ته انگريز سرڪار هڪ نئين گاڏي ٺاهي آهي جيڪا پاڻ مرادو هلي ٿي. سائين جن قدم رنجه فرمائي جيڪر هلي ڏسن ته اسان جي دل ڏاڍي خوش ٿيندي ڪار دروازي جي ٻاهران پڌر ۾ بيٺل آهي. سائين جن مون کي فرمايو ته ابا هلو ته هلي ڏسون. اسان سڀ ڪار جي طرف آيا سون هنن سائين جن کي عرض ڪيو ته قبلا! هن ۾ گهڙي ساعت ويهي ڏسو ته اسان لاءِ باعث سعادت ٿيندو ۽ گاڏي به شرف واري ٿيندي سائين جن فرمايو بس ابا! اسان ڏٺي سهي ويهي ڇا ڪنداسون مگر هنن جي گهڻيءَ منت زاري جي ڪري سائينجن اڳين سيٽ تي ٿي ويٺا ۽ موچيءَ سان نپ ڏيئي پوئين سيٽ تي ٿي ويٺا ۽ ڊرائيور کي اشارو ڏنائون ته گاڏي اسٽارٽ ڪر. ڊرائيور گهڻا حيلا هلايا مگر گاڏي نه هلي نه هلي. جنهن تي پاڻ فرمايائون ته ابا گاڏي ڪيئن هلندي اسان کي ڪاريگر لوڙهي اندر بند ڪيو آهي سو ٻاهر نڪرڻ ڪيئن ڏيندو؟ هاڻي دروازو کوليو ته اسان لهون. هنن لهي دروازو کوليو ۽ سائينجن جي قدمن تي ڪري پيا ۽ دست بستا ٿي معافي

ورتائون ۽ ظاهر ڪيائون ته قبله اسانجو ارادو ايهو برابر هو ته سائينجن کي پنهن جي غريب خاني ڏانهن سکر وٺي هلون ۽ اتي هلي پنهنجي دعا جا قدم گهمائن ته اسان لاءِ عين سعادت مندي ٿيندي ۽ اسان جا گهر وارا پڻ سائينجن جي زيارت سان مشرف ٿين. پوءِ هو دعا گهري پڻي ٽپائي ڪار ۾ چڙهيا. ڊرائيور ڪار اسٽارٽ ڪئي ته ڪار يڪدم اسٽارٽ ٿي ۽ هو روانه ٿي ويا. ان جي وڃڻ بعد داتا جن فرمايو ابا، ڏٺئي، اسان کي ڪئن قريب سان سکر وٺي ٿي ويا.

روضي تي ڪاشيءَ جو ڪم

ڪي مخير حضرات سائين جن وٽ آيا ۽ کين عرض ڪيائون ته اسان کي اجازت ڏني وڃي ته روضي شريف تي پين درگاهن وانگر ڪاشي لڳائي وڃي پاڻ فرمايائون ته ابا اسان جا ٽولي وارا پاڻهي اهو ڪم سر انجام ڪندا پاڻ خليفي صاحب کي گهرائي حڪم ڏنائون ته تون طالبن سان چنده گڏ ڪري ڪاشي لڳائڻ جو ڪم شروع ڪر ٽولي وارن جي اها حقيقت هئي ته پاڻ ٽي چٽا سرڪاري نندي نوڪريءَ ۾ هئا ۽ ٧-٨ ست اٺ سنڌي ماستر هئا ۽ چار پنج ٤-٥ درزڪو ڪم ڪندا هئا ۽ پيا شاگرد هئا نوڪرين ۽ ڏنڌي وارن تي ١٠ روپيه چندو مقرر ڪيو ويو

۽ شاگردن تي پنج روپيه حڪم موجب رجسٽر ٺهي ويو ۽
۽ چندو جمع ٿيڻ شروع ٿي ويو ٻن ٽن مهينن جي چندي
گڏ ڪرڻ بعد ڪم شروع ڪيو ويو ۽ ڪاشيءَ وارا
ڪاريگر ملتان کان گهرايا ويا هفتي ٻن بعد گڏ ٿيل چندو
ختم ٿي ويو اهو ٻڌو ايڏو مارو ڪم ڪيئن هلي؟ سائين
بادشاه کي مٿين حقيقت ٻڌائي.
پاڻ فرمايائون ته ته ابا جنهن جو ڪم آهي سو پاڻ ئي
پورو ڪندو توهان ڪو فڪر نه ڪيو ٻڌو غيبي ماڻهن جي
رجوعات شروع ٿي وئي ۽ واڳي سان رهڻ جي ٿيلهي خليفي
صاحب کي ڏئي ويندي هئي. انهن غيبي ماڻهن جي نشاني
اها هوندي هئي جو ٻين ماڻهن وانگر پنهنجو نالو نه ٻڌائيندا
هئا. سکر کان ڪاشي جي پچائڻ لاءِ بهاڻ جي ڪاٺ جي
پيڙي پرائي نورپور پتڻ تي موڪلي وئي اهو سمورو ڪم
ديوان ڏيپ سنگ ۽ مؤلف جي حوالي هو اسان ٻئي درگاه
کان ڦرندا صوبي ديري جي ڳوٺ وٽ رات جو پهتاسون
محترم گل حسن خان عباسي مؤلف جو دوست هو ۽ آفيس
ميٽ هو جنهن ڪري رات ان جي والد صاحب وٽ رهياسي
جنهن اسان جي چڱي خاطرداري ڪئي ۽ صبح جو ڪرائي
تي بيل گاڏيون ڪري ڏنيون جو نورپور کان ڪاٺيون
ڪٺائي درگاه شريف تي آياسون مطلب ته سمورو ڪم سندس

غيبي مدد سان هلندو رهيو. هڪ ڏينهن غيبي ماڻهو ٻه ڪونه آيو جنهن ڪري مزدور خليفي صاحب کان تنگ طلبي ڪرڻ لڳا خليفي صاحب اها حقيقت حضور ۾ پيش ڪئي پاڻ مشڪي چيائون ابا فلاڻي هنڌ اسان ريلو پٽي ڪيو ٻن ته ڪاغذن جي کڙڪي جو آواز آيو وڃي ڏسو متان نوٽ هجن خليفو صاحب ڪاتي ڪٺي وڃي اهو هنڌ کوٽي ڏنو ته جيستائين پيشاب جي آلاڻ هئي تيستائين نوٽ پوريل هئا خليفي صاحب اها حقيقت اچي حضور ۾ پيش ڪئي پاڻ مشڪي فرمايائون ته اها دنيا فقيرن جي مٽ جي پيدائش آهي. روضي جي مرمت تي انهيءَ زماني جا چاليهه هزار روپيه لڳا ان سعيد ڪم جو سهرو نولي وارن جي سر تي لڳايو ويو مگر چاليهه هزار سائين بادشاه پاڻ پورائي ڪئي.

"مرشد هو تو ايسا هو"

سخي سرتاج جي دربار جا در

ڪتاب "دولهه درازي" ۾ سچل سرمست جي دربار جا در انهن جا نالا ۽ انهن جو احوال ڏيکاريو ويو آهي ۽ ڪتاب "داتا درازي" ۾ "سچل سرمست پارس حقيقي جي سري هيٺ ٻه ڏيکاريل آهي ساري سنڌ جي اندر هيءَ ئي هڪ درگاه آهي جنهنجو فيض حضرت خواجه محمد حافظ سائين

ڪان شروع ٿيو ۽ اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي ٿو. مگر خلق جي بيقدري ڏسي سرتاج الشعرا حضرت سرمست فرمائي ٿو ته:

طالب ڪسي نيست که آيد سوئي ما
تا ڪسب باغ عشق گيرد بوئي ما

معني- طالب اهڙو ڪونهي جو منهنجي طرف اچي ۽ منهنجي عشق جي باغ جي خوشبوء حاصل ڪري. خلق ڏسيل ديڳ جي مٿان بي سود ڦيرا پائي ٿي مگر جڏهن انهي ديڳ جو ڍڪ لهي ٿو ۽ فيض سخا جي ونڊ شروع ٿئي ٿي تڏهن هو بيقدر پڇي پري ٿين ٿا. هن شهنشاه عشق جو شعر آهي ته:

"نشي عشق دى عاشقن چاڙهن
ڪل ڪيهي ڪمبختان نون"

انهيءَ ديڳ، جي فيض و سخا جي ونڊ اڄا تائين هلندي اچي ٿي. هن ثاني سچل، جن طالبن کي فيض الاهي عطا ڪيو تن مان هيٺ ڏيکاريل طالبن جا نالا قابل ذڪر آهن.

(۱) سيد خير شاه (۲) ميان خدابخش فاروقي خاڪي فقير (۳) فقير عبدالرحمان (۴) ڏنل فقير (۵) پيرل فقير.

حسيني ٽولو

حسيني ٽولي مان جن کي باطني فيض عطا ڪيو سي هيٺ ڏيکاريون ٿا.

خليفو رسول بخش صاحب ۽ هادي بخش فقير (٣) ماستر احمد علي فقير (٤) ڪوجهي فقير (٥) ڪريمڏنو فقير (٦) بهاول فقير (٧) حاجي امام بخش ڦليوٽو فقير ۽ ٻيا هندو طالبن مان ٽيرٿداس فقير، ڀائي ايسر فقير، ٽماڻو فقير بابو ڪشنچند. ٽيرٿ داس گدواني هئا جو حيدرآباد جي عامل گهراڻي منجهان هو ۽ بار-ائٽ-لا هو. هنن تي بادشاه توجهه فيض فرمايو تنهن ڪانپوءِ هو بمبئي هليو ويو- جتي هو فوت ٿي ويو هن جا اتي ڪيئي مريد آهن- سندس ڏالي ۾ هڪ انگريزي رسالو Life Eternal نالي سان شايع ٿيندو رهي ٿو جنهن جو ايڊيٽر مس ڪوسي ٽروبڊي آهي ۽ نگران مير چنڊائي صاحب آهي ايڊيٽر صاحبه مهرباني طور مؤلف ڏانهن رسالو موڪليندي آهي جو اعليٰ معياري رسالو آهي. ماهيءَ جا لعل ايجاد ٻيا به گهڻا هوندا مگر مؤلف کي هن ضعيف عمر ۾ ٻين جا نالا ياد اچي نٿا سگهن.

(١) سيد خير شاه جو ذڪر مٿي ڏيکاريو ويو آهي.

(٢) ميان خدابخش هي سندن خاندان جو چشم و چراغ آهي. هن کي فيض عطا ڪرڻ بعد بلوچستان موڪليو ويو هو. بلوچستان جي طرف هن جا سون جي تعداد ۾ مريد آهن. سندس درگاه درازن جي اولهه طرف ڪان آهي جتي وڏيءَ ڌوم ڌام سان سندس عرس ملهايو وڃي ٿو.

(٣) فقير عبدالرحمان- هيءُ اصل گهوٽڪي جو هتان

هو سگر ۾ هن اچي سکر ۾ سڪونت ڪئي ۽ اتي رنگسازي جو ڪم ڪندو هو ۽ نهايت اڙٻنگ هوندو هو هڪ ڏينهن هو پنهنجي رنگ روپ ۾ مشغول هو ته سخي سرتاج جن هنکي اشارو ڏنو ته اسان ڏانهن هليو اچ. هو يڪدم درازا شريف هليو آيو هن سخي مرد هنتي توجه فيض عطا ڪري حڪم ڪيو ته وڃي بکر ۾ شاه صدرالدين بادشاه جي درگاه تي رهه هن اتي ڪئي چاليها ڪيا. سندس چاليهن ڪڍڻ واري جاءِ اڃان بکر ۾ ڏيکاريل آهي. پوءِ ته اچي هن وٽ خلق جي رجوعات ٿي. مؤلف به گهي گاهي هن سان بکر ۾ ملڻ ويندو هو. هو پنهنجي مرشد ۾ ايترو ته فنا ٿيل هو جو گاهي گاهي سخي جي صورت ۾ ايندو هو. هن جي درگاه ڪناسرن ۾ آهي.

(۴) ذنل فقير - هي اصل گندا واه (بلوچستان) جو ويٺل هو. اتي کيس باطني حڪم ٿيو جنهنڪري هو اچي سخي سرتاج جو مريد ٿيو. هو وڏو عامل شخص هو سندس درگاه سنگر جي تعلقه گمبٽ آهي. سندس درگاه تي ڪيئي ماڻهو زيارت لاءِ اچن ٿا.

(۵) پيرل فقير :- هن جي درگاه تعلقي روهڙي الرن ۾ آهي. هن لاءِ محترم علي محمد جماڻي صاحب کان روايت آهي ته سو هڪ دفعه چوڏهين مبارڪ جي ميڙي تي درگاه

شريف تي آيل هو تخت نشيني بعد سڀ طالب سجاده نشين صاحب سان گڏجي روضي مبارڪ ۾ دعا طلبيءَ لاءِ ويندا آهن. هي ٻئي ڀين طالبن سان گڏ هلڻ. هي نهايت ضعيف العمر ۽ ضعيف البدن هو. ماٺهن جي رش سبب ميان رستم علي سائين هنکي ڀونتان ڌڪو ڏنو ۽ هو ڪري پيو ۽ بي هوش ٿي ويو اتي هنکي بي هوشي جي عالم ۾ باطني طرح سائين سخي بادشاه اچي ڪنيون ۽ ڪيس فرمان ٿيو ته آئينده تون هڏانهن نه ايندو ڪر مگر اسان توڏانهن ايندا سون. تنهن وقت کان وٺي هو پنهنجي ڳوٺ الڻ جي شهر ۾ وڃي گوشي نشين ٿي ويٺو ۽ ٻاهر نه نڪرندو هو. سائين سخي بادشاه جن پاڻ هنکي باطني طرح ديدار ڪرائي ويندا هوا.

خليفه رسول بخش، هادي بخش فقير ۽ ماستر احمد علي فقير جو احوال "دولهه درازي" ۾ ڏيکاريو ويو آهي. ڪوجهي فقير جي سوانح حيات خلاصه طرح مؤلف جي لکيل آهي، جنهن ڪري انهن جو ذڪر هتي نه ڪيو وڃي. ان جي باوجود ٻين طالبن جو ذڪر ڪتاب "دولهه درازي جي دربار جا در" ۾ واضع طرح ڏيکاريل آهي.

خليفه محمد بچل اعوان شڪارپور- جن ڏينهن ۾ مؤلف درگاه شريف تي رهندو هو تن ڏينهن ۾ هي به اتي رهندو هو. سندس اکيون نينهن جي نشي ۾ سدائين لعل رهنديون

هيون ۽ جڏهن مرشد جي ڳالهه ڪندو هو ته سندس اکين منجهان بي اختيار نير وهندا هيس. هنجي مؤلف سان گهڻي محبت هوندي هئي. مؤلف اڃا نو عمر هو ته هنجي سفيد ريش هوندي هئي. هن هڪ ڏينهن پنهنجو داستان مؤلف کي پڌايو جنهنجو هيٺ ذڪر ڪجي ٿو:

مان جوانيءَ جي زماني ۾ نهايت زاني، شرابي ۽ جواري هوس. هڪڙي ڏينهن منهنجا مائٽ مونکان تنگ ٿي مون کي سائين سخي سرتاج ڏانهن وٺي هليا انهي هنن دل جي درد سان منهنجي شڪايت پيش ڪئي مگر سائينجن مونڏانهن نگاه ڦيرائي فرمايو ابا وڃي خوب بهاري ڪر. فقيري انهن ڳالهين ۾ ڪين ويندي آهي. مان اها تسڪين پڌي نهايت خوش ٿيس مگر منهنجي مائٽن جا چهرا ڇڄي پيا ۽ چوڻ لڳا ته هوءِ "اڳيئي هئي نڇٽي وڌيڪ ٿيس ڪنگهرون" هو اڳيئي بدمعاش وڌيڪ سائين به ڏنس ٽيڪر هاڻي ته هو وڃي گهوڙو نه پڌندو. خير هو ناسيد ٿي تراس ٿي موٽيا ۽ اچي شڪارپور پهتاسون، شڪارپور پهچڻ شرط مان وڃي پنهنجي چنڊالن جي چوڪڙي ۾ شامل ٿيس. جوا کيڏڻ لاءِ اچي اوطاق ۾ ويٺاسون. پهريون پتن ورهائڻ جو وارو منهنجو آيو مان اڃا تاس هٿ ۾ ڪنئي مس ته سامهون سائين بيٺل نظر آيو. هنن کي ته سائين نظر ۾ نه آيو سو هنن چيو ته تنهنجو دماغ

خراب ٿيو آهي. سائين ڪٿي آهي؟ مان انهن کي چيو ته توهان انڌا آهيو جو هنڪي نه ٿا ڏسو انت مان تاس ڦٿي ڪري اتان پڇي نڪتس ورِي رات ٿي ته هميشه جي دستور موجب منهنجي آشناسون وٽ آئي مان دروازو بند ڪري اچي هن سان گڏ ڪٽ تي ويٺس مس ته دروازه جي ٻاهران سخت شور ٿيو دروازو کول، دروازو کول جا آواز اچڻ لڳا. اسان ٻئي حيران پريشان ٿي وياسون ته هاڻي ڇا ڪجي ته ايتري ۾ سائين بادشاه جن اچي وارد ٿيا ۽ فرماڻ لڳا ابا فڪر نه ڪر اوهان سان هڪڙو دروازي جي هڪڙي پاسي ڏهي ۽ دروازو کولي ڇڏيو. هو اندر اچن ته اوهان ٻاهر نڪري وڃو. اوهان کي ڪوئي به نه ڏسي سگهندو. اسان حڪم جي تعميل ڪئي هو اندر آيا ۽ اسان ٻاهر هليا وياسون. هوءَ پنهنجي گهر هلي وئي مان پنهنجي گهر هليو آيس منهنجي بدن ۾ ارزش پيدا ٿي پوءِ مان هر بري فعل کان توبه تائب ٿيس پوءِ مان نهايت شريفانه زندگي بسر ڪرڻ لڳس ۽ بچل بدمعاش بدران بچل فقير سڏجڻ لڳس منهنجا مائٽ به نهايت خوش ٿيا ۽ مرشد جي تعريف ڪرڻ ۽ گڻ ڳائڻ لڳا. ڪجهه مدت بعد مون کي خواب ۾ حڪم ڏنائون ته هاڻي اسان ڏي هليو اچ مان حڪم موجب وڃي حاضر ٿيس پاڻ پنهنجي شفقت فرمائي مون تي توجهه فيض وڌو ۽ بدمعاش

کي لاهوتي لعل ڪري ڇڏيو.

نماڻو فقير - هيءَ شڪارپور جي ويٺل هڪ هندو عورت هئي. سندس پتيءَ جي چالاڻي بعد هن کي ويراڳ لڳي ويو جنهنڪري هوءَ درگاه شريف تي هلي آئي ۽ سخي داتا جي مريدياڻي ٿي. سخي داتا جن هن سان نهايت قرب سان پيش آيا ۽ هن کي چادر عطا ڪيائون ۽ فرمايائون ته ابا ڏي کي اسان هيٺر مرد ڪيوسي ۽ تنهنجو نالو نماڻو فقير رکون ٿا پوءِ هوءَ نماڻي فقير جي نالي سان سڏجڻ لڳي.

هڪ ڏينهن نماڻي فقير کين عرض ڪيو ته سائين منهنجو هردوار وڃڻ جو ارادو آهي. سائين جن مونکي اجازت ڏئي فرمائن. سائينجن فرمايو ته ابا توکي هردوار اتي ٿا ڏيکاريون. هاڻي تون وڃ ۽ وڃي روضي مبارڪ ۾ سچي سائين جي مزار جي سرانديءَ کان ويهه. هوءَ اندر روضي مبارڪ ڏانهن ويئي ٿوريءَ دير بعد هوءَ موٽي خليفي رسول بخش صاحب جي لانديءَ ۾ سڏو آئي خليفي صاحب به ٽن ڏينهن ۾ اتي رهندو هو. هن اچي شرط اظهار ڪيو ته مان سائينجن کان هردوار وڃڻ لاءِ اجازت گهري هئي مگر سائينجن مونکي اندر روضي مبارڪ ڏانهن موڪليو، سندن حڪم مطابق مان سچي سائين جي مزار جي سيرانديءَ کان ٿي ويٺس مگر مونکي اتي ننڊ جو جهٽڪو اچي ويو مان ڏٺو ته مان هردوار وئي آهيان ۽

اتي شنان ۾ ڪيم ۽ شنان ڪندي منهنجو رئو پاڻي ۾ ڪري پيو ۽ آلو ٿي ويو، ڀڄو موڪي سڃاڻي ڏسي ڏسان ته اهو رئو منهنجو اڄا ۾ آلو آهي. هن پوءِ اهو رئو اتي اڇي سڪايو تنهنڪان پوءِ هن جي دل تي يقين صادق ويٺو ۽ هن درگاه شريف تي هميشه لاءِ سڪونت اختيار ڪئي ۽ پنهنجي خلاصي جاءِ ٻڌي ڏمرائي جا نماڻي فقير جي لاءِ ڏيءَ جي ناسي سان سان سڃڻ لڳي پوءِ هن کي نماز پڙهڻ جو شوق جاڳيو.

مؤلف هن کي نماز پڙهڻ سڪاري ۽ صلوات مبارڪ ڦ سيڪاري تنهن کان پوءِ نماز پڙهندي رهي. ۽ نماز بعد صلوات مبارڪ جي تسبي پڻ پڙهندي رهي. مگر ورهانگي ڏڻ بعد تنهن وقت جي سجاده نشين صاحب حضرت سخي قبول محمد ثالث جي اجازت سان ڀڄودي هلي ويئي. اتي ڪيترا هندو مرد ۽ عورتون هن جا شش ٿيا. هن گذريل سال هندستان ۾ چالاڻو ڪيو. سندس وصيت سوجب سندس هڏا درگاه شريف تي آندا ويا ۽ موجوده سجاده نشين صاحب سندس هڏا حضرت سخي قبول محمد ثالث جي روضي پرسان مدفون ڪرائي ان تي قبر ٺهرائي آهي.

پائي ايسر فقير جو احوال اڳ "دولهه درازي" ۾ ذيڪاريل آهي.

وفات حسرت آيات

حضرت سخي قبول محمد سائين جي صحت هميشه خوش خورم رهندي ايندي هئي مگر پوين ڏينهن ۾ ڪين معمولي بخار ٿيڻ لڳو. ڪچهريءَ ۾ آواز ڪلام جو دستور هوندو هو ته قالو ۽ حنگر قوال شروع ۾ "عمر دراز هووئي" وارو ڪلام چئي پوءِ ٻيا ڪلام چوندا هوا. پاڻ پوين ڏينهن ۾ هننکي انهي ڪلام چوڻ کان منع ڪئي ۽ سائي مگر ڪين اهو حڪم مليو ته "هي بت خاڪ مڪان بندي دا" وارو ڪلام چوندا ڪريو، هفته کن ايهو بخار هليو، آخر تاريخ ٢٣ ذوالقعد سنه ١٣٤٣ هه بمطابق سنه ١٩٢٤ع تـي ٨١ ورهين جي عمر ۾ هن فاني دنيا مان رحلت فرمايائون.

انالله وانا اليه راجعون.

همان دل است که پراز خزانه عشق است

دگر فنا است مگر آن فنا نمي گردد (آشڪار)

اولاد

حضرت سخي سرتاج جن کي چار فرزند تولد ٿيا- (١) ميان محمد چل سائين (٢) ميان محمدپريل سائين عرف خواجه نظرمحمد (٣) ميان صاحبڏنه سائين (٤) ميان رستم علي سائين انهن مان پهريان ٻه فرزند سندن حياتي ۾ رحلت ڪري ويا

جنهن ڪري سندن ابدي وصال بعد سندن نيون فرزند خواجه صاحبڏنه جي نام نامي اسم گرامي سان مسند عشق تي جلوه افروز ٿيو.

ڪرامتون

هن ڪامل اڪمل جون ڪرامتون بي حد ۽ بي شمار آهن جن کي قلمبند ڪرڻ لاءِ قلم کي طاقت نه آهي. هن ڪتاب شروع ڪرڻ وقت "عشق نامه" جي پيش لفظ ۾ درگاه شريف جي طالبن ۽ مريدن کي اپيل ڪئي وئي هئي ته هو پنهنجون پنهنجون چشم ديده ڪرامتون مؤلف ڏانهن لکي موڪلن ته هن ڪتاب ۾ سندن نالن سان درج ڪيون وڃن، مگر ٻن ٽن طالبن کان سواءِ ٻي ڪنهن لکي ڪونه موڪليون. هن سخي مرد جون چند ڪرامتون "دولهه درازي" ۾ درج ڪيون ويون آهن ۽ چند هن ڪتاب ۾ ڏيکاريون وڃن ٿيون. دولهه درازي ۾ سچل سر مست جي سوانح حيات کانسواءِ هندستان، پاڪستان، ايران ۽ بغداد جي اوليائن جو پڻ ذڪر آيل آهي. هيءُ ڪتاب پڙهڻ جي لائق آهي. قيمت ۾ روپيه مؤلف وٽان ملي سگهندو.

سرتاج الشعرا شاهنشاه عشق منصور آخر زمان شاعر هفت زبان پنهنجي ڪلام الاهي الهام ۾ فرمايو آهي ته:-

این حقیقت ترا اثر نکند
چونکه هستي تو ساکن بیشي

معنيٰ - هي حقيقت توتي اثر نہ ڪندي ڇاڪاڻ تہ تون جهنگلي ماڻهون آهين. ڪنهن ٻي پارسي شاعر جو شعر آهي تہ:

اولیا را هست قدرت از الله
تیر جستہ بار گردانند. از راه

معنيٰ: اوليائن کي الله وٽان اهڙي قدرت مليل آهي جو الله جو ڇڏيل تير بہ موٽائي سگهن ٿا. جنهن مرد مجاهد پنهنجو تن من ڌن پنهنجي خالق ودود جي مٿان قربان ڪيو تنهنجو ناز قادر ڪريم قدردان نهايت مشفق مهربان ڪيئن قبول نہ ڪندو؟ قرآن پاڪ ۾ فرمايل آهي تہ "فاذ کروني اذکر کم" اوهان مون کي ياد ڪيو تہ مان اوهان کي ياد ڪريان.

(١) ميان خدا بخش فاروقي بتخلص خاڪي فقير کان روايت آهي تہ سائين سخي داتا جن وٽ هڪ پاليل ٻلو هوندو هو جنهن جو نالو منگهو هوندو هو. هڪ دفعہ جو ذڪر آهي تہ درازن جي ڳوٺ جي هڪ بيوه هندو عورت جو پٽ اوچتو گم ٿي ويو. ڇوڪري جي ماءُ هن لاءِ ڏاڍي جستجوئي ڪئي مگر ڪيس پنهنجي پٽ جو ڪو پتو ڪو نہ پيو جنهنڪري نااميد ماءُ نراس ٿي ويهي رهي. هڪ ڏينهن

ڳوٺ جي ڪنهن ٻي هندو عورت کيس مشورو ڏنو ته اسان جي ڳوٺ جو مالڪ مختيار سائين سخي سردار ويٺو آهي ترن هن ڏانهن ڇو نٿي وڃين ۽ اجايا پئي ڌڪا ڌوڙا کائين؟ هن چيو ته هينئر ته مون وٽ ڪجهه پئسو موجود ڪونه آهي جو وڃي هن وٽ ارداس (نذرانو) رکان ۽ عرض پيش ڪريان. تنهن تي هن جواب ڏنس ته سخي کي پئسي جي پرواه ناهي، تون صرف پاءُ ڪن ڇٽا رلڌي وڃي وٽس ارداس رک ۽ پنهنجو احوال پيش رک. انهي علاج مطابق هن وڃي ڇٽا پيٽا رکيا ۽ اتفاقن منگهو ٻلو به اتي موجود هو. سخي سرتاج سائي کي حڪم ڏنو ته ايهي ڇٽا هن ٻلي اڳيان رک، ٻلو ڇٽا سمورا کائي ويو.

تنهن بعد جڏهن انهيءَ هندو عورت پنهنجي درد جو داستان حضور ۾ پيش ڪيو ته سائينجن مذاق طور مشڪي فرمايو ته مائي جنهن تنهنجا ڇٽا کاڌا آهن اهو سوال به انهيءَ جي اڳيان پيش ڪر، انهي جواب ٻڌڻ تي عورت نهايت مغموم ۽ مايوس ٿيڻ لڳي سائينجن هن عورت جي بيچيني ۽ بيقراري ڏسي منگهو ٻلي کي حڪم ڏنو ته ڇٽا تو کاڌا آهن تنهن ڪري وڃ ۽ ڇوڪري جي تلاش ڪر. ٻلو حڪم ملڻ تي مياٺو مياٺو ڪندو روانو ٿي ويو ۽ ٿوري دير بعد نظر کان غائب ٿي ويو، هوءَ عورت هن متفڪري ۽ حيرانيءَ

۾ ويٺي رهي ته ڪجهه ساعت بعد ٻلو واپس وريو. هن جي وات ۾ هڪ چولو هيو جو گهليندو گهليندو ٿي آيو ۽ پوئتان سندس هڪ ڇوڪرو ڊوڙندو ۽ دڪندو ٿــي آيو. پٺي، اچڻ شرط اهو چولو سخي داتا جي قدمن اڳيان رکيو ۽ ڇوڪرو لنگوٽو ٻڌل ۽ بدن اگهاڙو ٻڻ اچي حضور ۾ حاضر ٿيو. انهيءَ عورت پنهنجو پٽ سڃاتو ۽ ڪيس ڇاتيءَ سان لاتو. ڇوڪري کان حقيقت پڇي وئي جنهن جواب ڏنو تــه اسان ڇوڪرن قمسون لاهي هنگلاج ۾ راند ٿي ڪئي سون تــه هي ٻلو قميص وات ۾ وجهي ڀڄڻ لڳو مان هن کان ڇڏائڻ خاطر هــن جي پوئتان پس ته اچي هتي حاضر ٿيو آهيان.

ڪتاب ڪرامات اولياءَ ۾ اڻ هڪ اهڙي حقيقت ڏيکاريل آهي ته اخي برخ زنجاني رحمت الله عليه وٽ هڪ پاليل ٻلو هوندو هو انهيءَ ۾ اها خاصيت هوندي هئي ته جڏهن به ۽ جيترا به مهمان انهيءَ شيخ جي خانگاه تي اچڻا هوندا هوا ته اهو ٻلو اوترا دفعا اڳواٽ مياٺو ميائو ڪندو هو. خادم انهيءَ ٻلي جي آواز مطابق اوترن مهمانن جي ماني اڳواٽ تيار ڪري رکندو هو. هڪ دفعه جو واقعو آهي ته ٻلي جي آواز کان هڪ وڌيڪ مهمان اچي نڪتو، جنهن تي هن خادم کي البت تعجب اچڻ لڳو ته، يڪدم ٻلو خانگاه ۾ اندر هليو آيو ۽ سيني مهمانن جي پيرن کي سنگهندي هڪڙي مهمان

جي پيرن تي پيشاب ڪري ويو. تحقيقات بعد معلوم ٿيو ته اهو هڪ غير مسلم هيو جو پين مهمانن سان گڏجي لڪي حاضر ٿيو هو.

٢- خليفه رسول بخش کان روايت آهي ته جڏهن روضي مبارڪ جي تعمير جو ڪم هلي رهيو هو ته سڀئي طالب حسب لياقت هن ڪار خير ۾ ماه بماه چندو موڪليندا رهندا هوا. هڪ دفعه اهڙو اتفاق پيش آيو جو انهيءَ امداد ۾ ڪجهه دير ٿي وئي. جنهن ڪري مسترين ۽ مزدورن هفته جي روز ملڻ لاءِ خليفه صاحب کان تنگ طلبي ڪرڻ لڳا. آخر خليفه صاحب ٻيو ڪو حيلو نه ڏسي مجبورا پنهنجي داتا جي حضور ۾ اها حقيقت عرض ڪئي پاڻ مشڪي فرمايائون ته اڄ اسان فلاڻي هنڌ پيشاب ويا هاسون پيشاب ڪندي اسانکي ڪجهه ڪاغذن جي کڙڪي جو آواز ڪن تي پيو هو تون اتي وڃي ڏس ته اهي نوٽ ته نه هوا؟ حڪم مطابق اوڏانهن ويو ۽ ڪاني ڪڻي کوٽڻ لڳو ته جيتري ڏڪر تي پيشاب جي آلاڻ هئي اوتري ڏڪر جي هيٺان نوٽ پيل هوا. هو اتان اهي نوٽ کڻي مسترين ۽ مزدورن کي هفته جي مزدورن جي ادائگي ڪئي. سبحان الله سائينجن فرمايو ته هيءَ دنيا دون مردن جي مٽ جي پيدائش آهي.

٣- زوار رحيم بخش صاحب فاروقي کان روايت آهي
ته ڪيس هڪ دفعه ڏنل فقير ساڪن گندا واه (بلوچستان) ٻڌايو
هو ته هڪ دفعه هو سخي سرتاج جي ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو
ته اوچتو سخي دانا فرمايو ته- اڄ اسانجو هڪ معزز مهمان
اچي رهيو آهي، ٿوريءَ دير بعد هڪ اجنبي شخص اچي وارد
ٿيو سندس چهري مان شرافت ۽ خانداني نمودار هئي. سندس
پوشاڪ مان ايراني جهلڪ اچي رهي هئي هو اچي سائينجن
جي قدم بوسيءَ سان مشرف ٿيو مگر سندس چهري مان ڪافي
مايوسي جا آثار نظر اچي رهيا هوا. دستوري خوش خير عافيت
بعد سائينجن کيس ڪچهريءَ وري اندرين هال ۾ وٺي ويا
۽ هال جا دروازا اندران بند ڪرايا ويا- چند منٽن بعد پاڻ
اڪيلا هال کان ٻاهر نڪري وري اچي سا ڳي ڪچهريءَ
واري -مسند تي رونق افروز ٿيا. ڏنل فقير عرض ڪيو ته قبلا!
سائينجن ته اندران واپس آيا مگر مهمان کي کهڙي طرف
اماڻيو ويو. پاڻ مشڪي فرمايائون ته ابا انهيءَ ڳالهه کي
ڇڏي ڏي مگر هن بيچيني سان دوباره عرض گذاريو هن جي
التجا قبول ڪري فرمايائون ابا، هيءُ امير گهرائي جو فرد
هو. هن هڪ دفعه خواب ۾ اسانجو ديدار ڪيو هو- جنهن
ڪري هن جو اشتياق ملاقات وڌي ويو ۽ زيارت ڪرڻ جي
ارادي سان ڪافي ٿمر ساڻ ڪٺي گهر کان راهي ٿيو. ڇهن

مهينن جي مسلسل مشڪلات کانپوءِ بعد اچي هت وارد ٿيو آهي. رستي ۾ سندس خرچ اخراج کل ختم ٿي ويو هو ۽ نهايت خستہ ۽ پريشان حال ۾ هت پهتو آهي ۽ هيئر هو واپس وطن وڃڻ لاءِ منتظر هو مگر ڪيس راه خرچ ڪونہ هو جنهن ڪري سندس حال زار تي رحم ڪري ڪيس وطن رسايو ويو. هيئر هو پنهنجي اهل عيال سان خوش ويٺو آهي.

٤- زوار رحيم بخش صاحب کان بہ روايت آهي تہ ڪيس باغ فقير ٻڌايو هو تہ هو هڪ ڏينهن سائين سخي داتا جي ڪچهريءَ ۾ ويٺل هو تہ هڪ سائل آيو جنهن اچي سوال ڪيو تہ سخي مرد اڄ موکي وڳو پهراءِ. پاڻ فرمايائون تہ وڳو موجود نہ آهي ترس تہ الله پيچي تہ توکي ڏنو ويندو. هن چيو تہ جيڪڏهن ٻيو موجود نہ آهي تہ پنهنجي جان تان لاهي ڏي. پاڻ باغ فقير کي حڪم ڏنائون تہ مون کي اندران چادر آڻي ڏي، پاڻ اها چادر ويڙهي وڳو سائل کي لاهي ڏنائون. ايتري ۾ ڏمالي فقير آيو جنهن عرض ڪيو تہ رات کان وٺي منهنجا ٻار ٻچا سڀ فاقہ تي ويٺا آهن. ڪجھ داڻو ڪونهي جو گذر ڪيو وڃي پاڻ ڪيس فرمايائون اندر اسانجو مصلہ پيو آهي اهو مٿي کڻي ڏس انهيءَ جي هيٺان جو ڪجھ پيل هجي سو کڻي وڃ ۽ وڃي گذر سفر ڪر. ڏمالي فقير حڪم موجب اندر ويو ۽ يڪدم ٻاهر

سوني آيو سندس پنهي ڪنن ۾ ٻئي هٿ پيل هوا. پاڻ ڏمالي
کان دريافت ڪيائون ته فقير خير ته آهي جو سوني آئين؟
ڏمالي عرض ڪيو ته قبلا اتي سون جو درياه ٿي وهيو. قباء
منهنجي توبهه مان بس ڪئي. پاڻ فرمايائون ته جيڪي ماڻهن
دنيا جو طالب آهين ته اهو سڀ سيڙي وڃ، مگر جيڪي ماڻهن
فقيري جي طلب آڻي ته، انهن جو حال ڏس. اها گفتگو
هلي رهي هئي، ته ايتري ۾ هڪ ديوان آيو جنهن هڪ وڳو
ڪپڙن جو ڪجهه شيون کائڻ لاءِ ۽ ڪجهه نقد اچي نذرانه
طور عرض رکيو، وڳو پاڻ زيب تن ڪيائون. ۽ نقد حاضر
مجلس وارن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيائون. ڏمالي فقير کي به
پنهنجو حصو مليو ۽ هو خوش ٿي هليو ويو.

٥- سنڌس هڪڙي ادني طالب کان روايت آهي هو
انگريز نامدار جي دور حڪومت ۾ ڪنهن وقت هو
ڊسٽرڪٽ پرائيس ڪنٽرولر انسپيڪٽر هو. هڪ ڏينهن هو
سرڪاري ڪم سان شڪارپور وڃي رهيو هو رڪ جي
جنگشن اسٽيشن تي ڪيس اچ لڳي انهن ڏينهن ۾ (رڪ
اسٽيشن شڪارپور سان شامل هئي) هو پاڻي پيئڻ لاءِ
بهشتي جي تلاش ڪرڻ لڳو. ته سامهون ئي لائين تي
سيڪنڊ ڪلاس گاڏي ۾ ٻه صوبيدار ويٺل هئا جن جي
اڳيان بوتلن جو ڪوڪو رکيل هو ۽ شراب جو دور هلي

رهيو هو. اهي ٻئي صوبيدار هن جا واقف هئا جنهن ڪري
هنن هن کي سڏ ڪيو ۽ شراب جي صلاح ڪئي مگر جيئن
جو هو نشي جو عادي ڪونه هو تنهنڪري هن انڪار
ڪيو ۽ صوبيدارن کي چيائين ته صوبيدار جي پگهار ٨٠ روپيه
آهي مگر منهنجي پگهار سؤ روپيه آهي سون کي اها طاقت
ناهي ته ٻوتل خريد ڪري پيئان ۽ ٻاٽيءَ لاءِ بهشتيءَ جي
تلاش ۾ ڦري رهيو آهيان ۽ توهان وٽ ڪوڪا ڪليا پيا آهن
هو هنن کي اهي لفظ چئي هليو ويو مگر انساني فطرت موجب
هن جي دل ۾ حسرت پيدا ٿي ته مون کان گهٽ پگهار
وارا ٻه عيش ڪري رهيا آهن. ڪاش مون تي به رشوت وٺڻ
جي بندش نه هجي ها هنن کان ڀيٽو عيش ڪري سگهان ها!

هن انهيءَ رات پنهنجي مرشد جي خواب ۾ زيارت ڪئي
۽ ڏٺو ته ڪين هٿ ۾ هڪ پليٽ سائي رومال سان ڍڪيل
آهي ۽ اچڻ شرط انهيءَ طالب کان دريافت ڪيائون ڇو ابا
بک لڳي اٿي ڇا؟ هن جواب ڏنو ته هائو سائين پاڻ رومال
مٿي ڪئي انهيءَ پليٽ منجهان هڪ ڳڙي ڳل گوشت
جي هنکي ڪائڻ لاءِ ڪيڍي ڏني جڏهن هو ڪائڻ لڳو ته
هنکان پڇيائون ابا، ڪيئن انهيءَ ۾ مزو آهي؟ هن جواب
ڏنو ته قبله ڏاڍو مزو آهي جنهن تي پاڻ فرمايائون ته ابا،
اٿي مئل ڪتي جو گوشت، جيڪڏهن اهو کائين ته ساري

پليٽ حاضر آهي. هن اها ڳڙي وات منجهان ڪڍي نوڪاري
چلڍي ۽ عرض ڪيو ته انهيءَ حرام کائڻ کان بهتر بک آهي
هن کي خواب مان بيداري ٿي ۽ آئينده لاءِ اهڙي سوال ڪرڻ
کان توبهه تائب ٿيو.

٦- الحاج مير رحم علي خان ٽالپر ساڪن ڪوٽ
مير محمد خان کان روايت آهي ته هو ٻارهن سالن جي عمر
جو هو ته سندس اکيون اٿي پيون ۽ نهايت خراب حالت
۾ ٿي ويون. ڪيتري به علاج معالجه جي باوجود اکين
جي حالت درست ٿي نه سگهي. آخر پيو کو حيلو وسيلو نه
ڏسي سندس عزيز کيس حضرت سخي سلطان جي حضور ۾
وٺي ويا ۽ سموري حقيقت گذارش ڪئي حضور سائين سندس
اکين تي پنهنجي زبان گهمائي ته سندس اکيون يڪدم
بلڪل شفاياب ٿي ويون ۽ هو وچي ٻارن سان اند ڪرڻ ويٺو
هينئر هنجي (٦٢) ورهه عمر آهي ته انهيءَ عرصه اندر وري
ڪڏهن به هنجي اکين کي ڪا تڪليف ڪانه پهتي آهي.

٧- سخي سرتاج جي هڪ ادني طالب کان روايت آهي
ته هنجي ٻن سالن جي ٻار کي ويهڪ واريءَ جاءِ تي ناسور
ٿي پيو. سڀني ڊاڪٽرن متفق مشوره ڏنو ته هنجو سواءِ آپريشن
جي ٻيو ڪو علاج ٿي نٿو سگهي مگر هو ننڍڙي ٻار جي
آپريشن ڪرائڻ لاءِ آماده نه، هو جنهنڪري هو انهيءَ ٻار

کي درگاه شريف تي وٺي ويو ۽ سموري حقيقت حضور ۾ پيش ڪئي. پاڻ پنهنجي دهن مبارڪ مان آگر سان پڪ ڪيائون انهيءَ جاءِ تي لڳائي مشڪي فرمايو ابا، انس ته ڪجهه ڪونه. اوهان اجايو دلگير ٿيا آهيو. جان ڪٿي نظر ڪجي ته ناسور ته ڪم ٿي ويو مگر اهو ايشان به مٽجي ويو.

٨- ماستر خدابخش ساڪن ڳاهيجه کان روايت آهي ته ڊاڪٽر پيٽگراف سول سرجن سکر جي ديوان گيهي مل سب جج سان دوستي هوندي هئي. هڪ دفعه هو هميشه جي دستور موجب هن سان ماڻ ويو ته هنکي پريشان حال ۾ ڏٺو. دريافت ڪرڻ تي هن جواب ڏنو ته سندس بدلي گجرات ٿي آهي جنهن سبب ڪري هو مغموم ۽ متفڪر آهي. جيئن جو ديوان گيهي مل سخي سرتاج جو مريد هو تنهن ڪري هن هنکي مشوره ڏنو ته سخي سرتاج ڏانهن موسان گڏجي هل ته هلي اتي عرض ڪيون ته تنهنجي بدلي فورا بند ٿي ويندي. هنکي انهيءَ ڳالهه تي تعجب لڳو جنهن ڪري پڇڻ لڳو ته سخي منهنجي بدلي ڪيئن بند ڪرائي سگهي ٿو. مجبورا هو هن سان گڏجي درگاه شريف تي ويو. سخي سرتاج هن جي اڳرات ڪچهريءَ واري بنگله ۾ ڪرسي وجهائي ڇڏي هئي. جڏهن هو وڃي قدم بوسي ٿيا ته سخي داتا فرمايو ابا، اسان اوهانجو انتظار ڪري رهيا هئاسون. هن

جي حيرت جي حد نہ رهي ۽ ديوان گيهي مل کان پڇڻ لڳو تہ هن ڪي اسان جـي اچڻ جي اڳواٽ خبر ڪيئن پيئي؟ جو هن منهنجي لاءِ ڪرسي وجهائي ڇڏي آهي. خير پوءِ ڊاڪٽر صاحب سائين جن کي عرض ڪيو تہ مونکي خلاصہ طرح عرض ڪرڻو آهي مگر مان گفتگو انگريزي ۾ ڪندس جو مونکي سنڌي ۾ گفتگو ڪرڻ نہ ايندو آهي. سائين بادشاه جن هنکي اندريـن ڪمري ۾ وٺي ويا واپس اچڻ تي هن ديوان گيهي مل کي چيو تہ اوهان جو سائين نهايت فصيح انگريزي مونسان ڳالهائي رهيو هو. هو دعا گهري موڪلائي هليا ويا. ٽن ڏينهن بعد هنکي سکر ۾ ہہ لفافہ پهتا پهريون بدلي ٿيڻ جو ٻيو بدلي بند ٿيڻ جو. جنهنڪري هنکي يقين صادق آيو ۽ پوءِ اچي مريد ٿيو.

٩- هڪڙي ادني طالب کان روايت آهي تہ هنجو ايهو حسب معمول هوندو هو جو هو هميشہ رات جو ١٢ بجي مهل عيدگاه واري قبرستان ڏانهن سير ڪرڻ ۽ عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ ويندو هو ۽ رات ساري اتي گذاري صبح جو واپس گهر هليو ايندو هو. هڪ دفعہ جو ذڪر آهي تہ اٽڪل ٢ بجہ ڌاري رات جو جيئن هو چڪر لڳائي رهيو هو تہ قبرستان منجهان هڪ غيبي شخص اوچتو نڪري نروار ٿيو ۽ هنکي ٻانهن کان پڪڙي رعبدار آواز ۾ چوڻ لڳو تہ توکي ڪو

مرد ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي جو سيني کي لتاڙيندو گھمندو ٿو وتين؟ هو انهيءَ ويراني ۾ بيگاه وقت هڪ غيبي شخص کي ڏسي هيسجي ويو ۽ نهايت نمائي آواز ۾ هنکي چيائين تہ مان ڪهڙو قصور ڪيو آهي، تہ ايتري ۾ سخي سرتاج اچي اتي وارد ٿيو انهيءَ غيبي شخص جي ٻانهن کي پڪڙي فرمائڻ لڳو تہ تون اسان جي فقيرن سان ڇوٿو لڙين. تہ ايتري ۾ هو غيبي شخص غائب ٿي ويو ۽ پاڻ انهيءَ طالب کي تسڪين ڏنائون تہ ابا، تون فڪر نہ ڪر، پيو بهاري سان سير ڪر ڪنهنکي ڪهڙي مجال جو تنهنجو نالو وٺي- ائين فرمائي پاڻ بہ غائب ٿي ويا.

١٠- ساڳي طالب کان ٻي روايت آهي تہ هڪ دفعہ ڪيس سخي سرتاج کنهن ضروري ڪم سانگي لاڙڪاڻہ ڏانهن ديوان ڏيئل مل سيشن جج صاحب ڏانهن موڪليو، مگر ڪيس اهو حڪم ڏنو ويو تہ هو ٻيءَ گاڏي ۾ واپس موٽي اچي. انهن ڏينهن ۾ انٽر ڪلاس جون رٽرن ٽڪيٽون ملنديون هيون جنهنڪري هو لاڙڪاڻہ جي رٽرن ٽيڪيٽ وٺي روانو ٿيو ۽ ڏهين بجي رات جو لاڙڪاڻہ پهتو ۽ سڌو ديوان ڏيئل مل ڏانهن روانو ٿيو ۽ ڪم لاهڻ بعد واپس ورڻ لڳو، جنهن تي ديوان صاحب هن کي منع ڪئي تہ سياري جي رات آهي مون وٽ رهي پؤ ۽ صبح واريءَ گاڏي

۾ واپس وڃجانءِ، مگر هنکي اتي آرام نہ آيو ۽ اسٽيشن ڏانهن پيادل روانو ٿيو. جڏهن ٿانڪ جي ويجهو آيو تہ هن ڏٺو تہ ميل اسٽيشن کان ڇٽي رهي آهي تنهن کري ٿانڪ وٽ ميل جو اڳ جهلي بيٺو، ميل جڏهن ٿانڪ وٽ آئي تہ ٽپ ڏيئي هڪڙي گاڏي جي هٿنڊل ۾ هٿ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر جيئن جو ميل فل اسپيڊ ۾ هلي ٿي تنهنکري هنجو هٿ نہ پيو ۽ هو ٿابو کائي کري پيو. مگر هن وري پاڻ سنڀاري دوباره هٿ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي. خوش نصيبا هن جو هٿ هٿنڊل ۾ کپي ويو مگر ٽنگون پائدان تي ڪين پهچن جنهن کري هو گهابو هلندو هليو. ايتري ۾ هڪ غيبي طاقت هنجي پنهي پيرن کي مٿي ڪٽي پائدان تي رکيو ۽ هو گاڏي جو دروازو کولڻ لڳو مگر ڏسي تہ اهو زنانو گاڏو هيو جنهن کري ٻاهرئي بيهي رهيو. عورتن هنکي گهٽوئي چيو تہ ٻاهر سرديءَ ۾ نہ بيهہ ۽ اندر اچي ويهہ مگر هو شرم سبب اندر نہ گهريو ۽ ٻاهرئي بيٺو رهيو. ميل سڌو اچي رڪ جنڪشن تي بيٺي هو پوءِ هيٺ لٿو ۽ گهڻوئي چانهيون پيتيون مگر سرديءَ هنکي حيران پريشان کري ڇڏيو هو جنهنکري هڪ طرف ويهي روئڻ لڳو تہ ايتري ۾ هڪ اجنبي شخص هنکي پانهن کان وٺي اٿاريو ۽ هنکي چوڻ لڳو پٽ روءُ نہ سون سان گڏ هليو اچ. هو هنکي

ٻانهن کان وٺي اسٽيشن جي اوپر طرف گهڻو ٻاهر وٺي ويو، اتي هڪ فقيرن جو ٽولو مچ ٻاريون آواز ڪلام ۾ مشغول هوا. اهو شخص هن کي اتي ويهاري هڪ فقير کان رلهي وٺي هن جي مٿان وجهي پاڻ غائب ٿي ويو. ٻن ڪلاڪن بعد شڪارپور کان ٽرين آئي جا سکر هلڻي هئي. فقيرن جو ٽولو انهيءَ ٽرين ۾ اچي چڙهيو ۽ هيءُ به هنن سان ٿي ويڻو، هو سکر ۾ لهي ويا هيءُ سڌو درگاه شريف تي آيو. اجا هن سخي سرتاج جي قدم بوسي مس حاصل ڪئي ته، سائين جن غصي ۾ هن کي فرمايو ته هيءُ بيوقوفيءَ جو ڪم تو ڪيئن ڪيو؟ هو ويچارو وائڙو ٿي ويو ۽ نماڻي آواز ۾ عرض ڪيو قبلہ الائي مون کان ڪهڙو قصور ٿيو آهي.

پاڻ فرمايائون ته اهڙيءَ تيز رفتار گاڏيءَ ۾ تون ڇو چڙهين؟ هن عرض ڪيو سائين جن جو فرمان هيو ته تون ورندڙ گاڏيءَ ۾ واپس اچجانءِ. تنهن تي سائين جن نهايت حليميءَ سان فرمايو ته ابا، توکي ڏيڍل مل نيڪ مشوره ٿي ڏنو سو رهي پوين ها، اها ڪا وڏي ڳالهہ نہ هئي، مگر جيڪلهن تون حڪم جي تعميل ڪري اسٽيشن تي آئين ۽ گاڏي ڇٽي ويئي ته تون موٽي وڃين ها، ان ۾ تنهنجو ڪو قصور يا نافرماني نه هئي. وري مشڪي فرمايائون ته ابا، پوءِ پير ته تختي تي تنهنجا ڪپي ويا. هن ڇيو ها قبلا!

وري مشڪي فرمايائون ته اندر گاڏي ۾ وڃين وهين ها، مايون ويچاريون تنهنجي ڏاڍي خدمت ڪن ها تون بهاري ۾ ويٺو هجين ها. ڀلا ڀوء فقيرن وٽ ته خوش ويٺو هئين؟ ابا، آئينده ائين نه ڪندو ڪر. ڇگو ڀلا هاڻي ديوان جو حال‌احوال ٻڌاء. هن حال عرض رکيو، سائين جن هن کي پاڪر پاڻي پٽي ڏني ۽ هن جا غم غلط ٿي ويا.

سرتاج الشعرا شهنشاه عشق حضرت سچل سر مست جو شعر آهي ته:-

"دم بدم موجود باشد آنکه در هر کار ما"

معني- هو دم بدم منهنجي سڀ ڪنهن ڪم ۾ مون سان گڏ آهي. اهڙي طرح هي عاشق ازلي سخي مرد پنهنجن سڀني طالبن سان دم بدم گڏ هوندو هو.

١١- ديوان گورڌنداس صاحب کان روايت آهي ته هو ماه ڊسمبر ١٩١٧ع ۾ غلام حيدر فقير سان گڏجي زيارت ڪرڻ جي ارادي سان درگاه شريف تي ويو انهن ڏينهن ۾ دستور هوندو هو ته درگاه شريف جا سڀئي طالب ڌاڻال جي سموري موڪل اتي بسر ڪرڻ ڀاڻ لاء باعث سعادت سمجهندا هوا، جنهن ڪري ڀيا سڀئي طالب اتي رهي پيا مگر هو ٢-٣ ڏينهن اتي گذاري واپس موٽي آيو. هو اسپتال ۾ ڪمپائونڊر هو تنهن ڪري هن کي زياده موڪل ملي

نٿي سگهي، مگر هو موني اچڻ تي نهايت مايوس ۽ مغموم ٿيڻ لڳو. جنهنڪري هو اها نوڪري ڇڏي گهر جي اجازت بنا اچي بيدل سائين جي خانگاه تي ويٺو. انهيءَ ارادي سان ته شام واريءَ گاڏيءَ ۾ بنا ٽڪيٽ درگاه شريف تي هليو وڃي، مگر گاڏيءَ جي ٽائيم کان اڳ کوجهي فقير اچي بيدل سائين جي خانگاه تي نڪتو، دستوري خير و عافيت بعد کوجهي فقير هنکي چيو ته، مان سخي سرتاج جي قدم بوسي بعد پنهنجي گهوٽ شڪارپور وڃي ٿو. تہ سخي سرتاج فرمايو ته گورڌن فقير نوڪري ڇڏي گهر کان ڀڄي اچي بيدل سائين جي خانگاه تي ويٺو آهي ۽ بنا ٽڪيٽ ٽرين ۾ چڙهي هيڏانهن اچڻ لاءِ تيار آهي. تنهن ڪري تون روهڙي اسٽيشن تي لهي بيدل سائين جو به سلام ڪر ۽ هن کي منع ڪر ته هو انهيءَ بيجاءِ طريقي اختيار ڪرڻ سان هيڏانهن نه اچي. اسان هن کي هوليءَ جي موڪل تي از خود گهرائينداسون. کوجهي فقير صاحب سلام پري ۽ پيغام پهچائي شڪارپور روانو ٿي ويو، هو ويچارو مرشد جي فرمان موجب صبر ڪري ويهي رهيو. جڏهن هوليءَ جو موقع آيو (يعني مارچ ١٩١٨ع) ته ڊاڪٽر صاحب هن کي از خود چيو ته توکي ٣ ڏينهن موڪل ڏجي ٿي ۽ توکي پنج روپيه خرچي به ڏجي ٿي تون هاڻي پلي درگاه شريف تي وڃ.

تاريخ ١٥ مارچ سنه ١٩١٥ع

سعيد ڏينهن

ڪرامت نمبر ١٢-

تاريخ ١٥ مارچ سنه ١٩١٥ع آچر ڏينهن ﻫ شخص هڪ قاضي ٻيو قريشي انهيءَ منور ماهتاب جي زيارت فيض بشارت لاءِ روهڙي ڪان روانا ٿيا، مگر جڏهن رائيپور جي اسٽيشن جي قريب ٿيا ته هنن کي ٽرين ۾ مسافرن ڪان معلوم ٿيو ته رياست جو آرڊر آهي تہ روهڙي طرف وارن مسافرن سان ڊاڪٽر جي زبر نظر لاٿيڊين ۾ رهايو وڃي، ڇاڪاڻ ته ان وقت روهڙيءَ ۾ پليگ جهڙي مرض جو اثر هو، هن اوچتي خبر ٻڌڻ شرط هنن ويچارن جون وايون واڙيون ٿي ويون. ٻيو ڪو حيلو وسيلو نه ڏسي، سائين سخيءَ کي سڪ منجهان سڏڻ لڳا ته جيڪڏهين تو ۾ ڪا ڪرامت آهي ته ڀرپائين ته اسان کي هن اوچتي آفت ڪان نجات بخش. ڪسني سبب قاضي ويچاري جو منهن اڌ پليگ جهڙو ٿي ويو. خير ڏڪندا ڦرڪندا اچي گيٽ وٽ پهتا، ٽڪيٽ ڪليڪٽر ڏسي هنن ڪان پڇيو ته اوهين ڪيڏانهن ويندا؟ هنن جواب ڏنو ته اسان درازا شريف وينداسون. ٽڪيٽ ڪليڪٽر هنن ڏانهن گهور ڪري نهارڻ بعد چيو ته چڱو توهان وڃو هو

تکڙا ٻاهر هليا آيا. مگر هنن ڏٺو ته هنن کان سواءِ ٻيو ڪوبه وانگي ڪونه آهي ۽ ٽکو ڪو ٽانگو آهي. جيئن جو هو ٻئي غير واقف هئا تنهن ڪري متفڪر ٿي منجهي ٻيهي رهيا ته هينئر ڪيڏانهن وڃجي. وري ساڳي طرح سهٽل سائين کي سلام لڳا ته ڪو ٽانگو پيچ ته چڙهي اچي تنهنجي قدم بوسي ڪريون. ڪجهه وقت بعد هنن ڏٺو ته هڪ ٽانگي وارو فل اسپيڊ ۾ ٽانگو ڪاهي ٿي آيو ۽ پريائين چوندو ٿي آيو ته "آهي ڪو درازن جو، آهي ڪو درازن جو، آهي ڪو درازن جو." الله پاڪ جا شڪرانه بجاءِ آڻي هو ٻئي ٽپ ڏئي ٽانگي ۾ ويٺا. ٽانگي وارو هنن کي لوڙهي جي ٻاهران لاهي روانو ٿي ويو، جاڪاڻ ته انهيءَ زماني ۾ ٽانگي وارو مسافر کٺي لوڙهي جي اندر ڪونه ايندو هو. تنهن هوندي به هنن کي ڏس ڏيئي ويو هو ته سامهون هليا وڃو اتي خليفه رسول خش ويٺو آهي تنهن سان ملو ته هو اوهان کي سائين وٽ پيش ڪندو. هو ڏنل ڏس موجب خليفه صاحب سان مليا ته هو هنن کان حال احوال وٺي بعد سائين بادشاه وٽ وٺي هليو. هو دروازي کي قريب ٿيا ته پريان هنن کي هڪ نوراني صورت من مهٽي مورت ناز انداز سان مشڪندي مرڪندي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺي. انهن سان قاضيءَ سمجهيو ته جنهن جي ديدار فرحت آثار لاءِ

کهي آيا آهيون، سو مرد خدا اهو آهي. جنهن ڪري هن آداب سان اٿي وڌي وڃي هن جي قدم بوسي ڪئي. پاڻ سڪ سان هن کي سيني سان لڳائي. مشڪندي فرمايائون ته ”ابا ٻڌي ته ڏهتي؟ هن جواب ڏنو ته ها قبلا. پاڻ وري خليفي صاحب ڏانهن مخاطب ٿي فرمايائون ته ”خليفا صاحب هيءَ محبوبڙا پريان ٿي اسان جو امتحان وٺندا ٿي آيا ۽ اسان به چيو ته هنن محبوبڙن سان ضرور رهائبو.“ سبحان الله! پوءِ پاڻ يڪدم حويلي ڏانهن واپس ويا. ۽ پوءِ خليفي صاحب کي فرمايائون ته هن کي باغ واري دروازي کان ڪچهريءَ واري بنگلي ڏانهن وٺي اچو. پاڻ حويلي واري اندرين دروازي کان ڪچهريءَ واري بنگلي ۾ تشريف فرما ٿيا. بادشاه ۾ خلق محمدي ڪمال درجي جو هو جنهن ڪري خلوص دل سان ٽي چار دفعه خير عافيت بعد دستور مطابق قاضي کان پڇيو. ”ابا تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ حالانڪ هو الهڙ ڇوڪرو هو، هن کي تنهن وقت اوچتو دل ۾ خيال آيو ته جنهن کي منهنجي نالي جي خبر نه ٿي پئجي سگهي، سو پر پٽ منهنجي ڪهڙي دست ياري ڪري سگهندو. انهيءَ سوداءَ سبب هن انهيءَ سوال جو جواب ڪونه ڏنو. پاڻ دوباره فرمايائون ”ابا تنهنجو ڇا نالو آهي؟“ مگر هو نالائقي ڪري پٽ ٻنجي ويٺو. سندس قرب ڪمال جي ڪهڙي

ڳالهه ڪجي جو باوجود هن جي نالائقي جي هن پنهنجو لائق سڃاڻي مشڪندي هن کي چيو ته ابا تنهنجو نالو فلاڻو آهي، تون فلاڻي جو پٽ آهين؟ مطلب ته تعارف وقت جيڪي به حقيقتون پڇيون ويندڙيون آهن، سي هن قرب واري ڪامل اولياءَ پاڻ ئي ٻڌايون! سبحان الله قاضي چوڪ سندس انهن قربن ۽ ڪرامات کان گهڻو متاثر ٿيو ۽ سائين بادشاه کيس وڏي خوشيءَ سان کس مريد ڪيو ۽ بئو شخص محروم ٿي موٽي آيو- مريد ٿيڻ بعد هن رخصت گهري مگر پاڻ فرمايائون ته رات توهان اتي رهو- سڀاڻي صبح واري گاڏيءَ ۾ وڃجو ۽ اسان اوهان لاءِ بندوبست ڪنداسون. رات ٿي سائين بادشاه جن خليفي صاحب واري روم ۾ آيا ۽ پنهنجي نئين مريد کي قلبي ذڪر ڏنو- ذڪر ملڻ بعد انهي قاضي چوڪر عرض ڪيو ته قبلا! سائين جن کي خبر آهي ته قاضين ۽ فقيرن جي پاڻ ۾ اصل کان پيل نه آهي. ۽ مان به قاضڪو بار آهيان جيستائين ڏسندس نه- تستائين مڃيندس نه- پاڻ مشڪي فرمايائون ابا اهڙو ڏيکار ڏينداسون، جو تون پاڻ ئي مڃيندين. بيشڪ انهيءَ ڪامل اڪمل پنهنجي واعدي مطابق هن کي سڀ ڪجهه ڏيکاريو- انهيءَ گفتگي درميان سردار بهادر محمد بخش جو ان وقت بامبي ۾ ايل- ايل- بي جو پويون سال پڙهندو هيو سو به اچي ان

وقت وارد ٿيو. سائين بادشاه جن هن کي فرمايو ته اسان هنن کي تنهنجي لاءِ ترسايو هيو، هاڻي تون هنن سان گڏجي صبح واري گاڏيءَ ۾ وڃجو ڇاڪاڻ ته هي رستي جا اڻ واقف آهن. سائين بادشاه جن جي وڃڻ بعد سردار بهادر چيو ته هتان رات جو ١١ بجي روانا ٿينداسون ۽ رات هلي اسٽيشن تي رهنداسون ۽ صبح واري گاڏي تي گهوٽ هلنداسون. جنهن کري رات جو اٽڪل ١١ بجي درگاه شريف کان روانا ٿياسون. قادر جي قدرت اگرچه سردار بهادر رستي جو گهڻو واقف هو تاهم رستي ۾ ڀلجي پياسون ۽ ساري رات پيا جهنگل ۾ ڦرياسين صبح جو اٽڪل ٦ بجي ڏاري اوچتي اسٽيشن جي سگنل تي نظر پئي. جنهن کري اسٽيشن تي خير سان پهتاسون ۽ ٽرين به اچي نڪتي ۽ اسان روهڙي روانا ٿي وياسون. ٻئي آچر تي اهو قاضي ڇوڪر درگاه شريف تي آيو ته سائين بادشاه اڳئين سفر جو احوال هن کان ورتو، هن ورندي ڏني سائين جن کان رخصت وٺي وڃي روهڙيءَ خير سان پهتاسون ۽ هينئر حڪم موجب حاضر ٿيو آهيان. تنهن تي پاڻ مشڪي فرمايائون. ته ابا! منهنجي کان وٺي احوال ڏي، درگاه شريف کان روانا ٿيو ته پوءِ ڇا ٿيو؟ هنکي اڳين وسريل ڳالهه وري ياد آئي. سائين بادشاه کي عرض ڪيائين ته قبلا سائين، سائين جن اهڙو ماڻهو ساڻي ڪري ڏنو جو

پاڻ ته ولي خراب ٿيو مگر اسان کي به رولي ماريائين. پاڻ فرمايائون ته ابا اهو ماڻهوءَ جو قصور نه آهي، اهو قصور تنهنجو آهي، تون اڻ واقف ڇوڪر آهين. توکي عشق جي رستي جي خبر ڪانه هئي، تنهن ڪري جيڪي عشق جي رستي ۾ تڪليفون آهن سي تنهنجون هن پنڌ ۾ ڪاٽي ڇڏيسون.

مطلب ته سندس قربن جي ڪهاڻين جو ڪو ڪاٿو ڪونه آهي ۽ قلم کي طاقت ڪانه آهي جو بيان عيان ڪري.

ڪرامات نمبر ١٣

هڪ شخص روهڙيءَ جو سانوڻيءَ جي مند ۾ شيشا محل جي ڏاڪڻ کان درياه جي چڪر لڳائڻ لاءِ ٻيڙيءَ تي چڙهي هليو، جڏهن وچ سير ۾ آيو ته مهراڻ جي موج سبب دلو هن جي ٻيٽ هيٺان نڪري ويو. هو ٻڏڻ لڳو. تڏهن پنهنجي مرشد سائين سخي بادشاه کي پڪارڻ لڳو ته اچي هن سير ۾ ساڻي ٿيءُ، يڪدم هن کي غيبي آواز آيو ته فڪر نه ڪر، ڪنهن مرد هن جي ٻيٽ هيٺان هٿ ڏيئي اڇل ڏني، جنهن ڪري هو اچي درياه جي ڪپر جي ويجهو پيو ۽ ٿاڦوڙا هڻي اچي ڪپر تي ويٺو وري جڏهن هو ڪنهن آچر جي موقع تي درگاه شريف تي ويو ته بادشاه مشڪي هن کي فرمايو ته ابا درياه سان ايڏي گستاخي نه ڪبي آهي ۽ مشڪي فرمايو ته پوءِ اچي خير سان ڀر تي پهتين؟ تڪليف

ته ڪانه ڏيئي؟ هن چيو ته قبلا! تنهنجا لک لطف. ها ابا، آئينده نه ڪندو ڪر. هن آمين ڪئي.
سچل سرمست جو ديوان آشڪار ۾ شعر آهي ته:-
"دم بدم موجود باشد آنکه در هر کار ما"
معنيٰ:- هو دم دم ۾ مهنجي سڀ ڪنهن ڪم ۾ موجود آهي.

ڪرامات نمبر ١٤

روهڙيءَ جو هڪ شاگرد، جو تازو حضرت سخي قبول محمد دوم جو طالب ٿي آيو هيو. مئٽرڪ جي امتحان ۾ اتفاق سان فيل ٿي پيو. جنهن تي سندس ماٽن کيس طعنا هنيا ته مرشد تنهنجي ڪهڙي مدد ڪئي- ۽ اڳتي هو تنهنجي ڪهڙي مدد ڪندو؟ ڇوڪر ويچارو لاجواب ٿي ويٺو. مگر ساڳئي وقت روئي مرشد کي دل ۾ دانهن ڏنائين. مان ته رب جي رضا تي صابر ۽ شاڪر آهيان. مگر هنن کي ته تون سمجهاءِ- ته مونکي تنگ نه ڪن. ائين چئي هو ٻاهر نڪري هليو ويو. ڪجهه دير بعد هڪ فقير اچي سندس در تي خيرات لاءِ صدا هنئين، سندس گهر جو هڪ ننڍو ٻار خيرات کڻي فقير کي ڏيڻ ويو- مگر فقير خيرات وٺڻ کان انڪار ڪيو. چيائين ته مان فلاڻي (شاگرد جي ماءُ سان ملڻ آيو آهيان، انهيءَ شاگرد جو نالو ٻڌايو) ۽ نه مان

خيرات وٺڻ آيو آهيان. فقير جا اهي الفاظ انهيءَ شاگرد جي والده کي ناگوار نظر آيا، تنهنڪري هن انهيءَ ٻار کي چيو ته فقير کي چؤ ته مائي گهر ۾ موجود ڪونه آهي. تنهن تي فقير چيو ته گهر ۾ مائي ويٺي آهي، ڪيس فلاڻي قسم جا ڪپڙا پهريل آهن ۽ فلاڻو ڪم ڪري رهي آهي. فلاڻي طرف سندس منهن آهي، جڏهن اهي عجب جهڙيون ڳالهيون شاگرد جي ماءُ ٻڌيون، ته در تي فقير سان ڳالهائڻ لاءِ آئي فقير کيس چيو ته مائي تون زماني جي انهيءَ ناڪاميابيءَ تي ايترو ارمان ڇو ڪيو آهي؟ توکي سردار دوجهان صلي الله عليه وسلم ۽ اصحاب ڪرام جي حالات تي غور ڪرڻ گهرجي، هيءَ توهان جي خوش نصيبي آهي. جو اهڙو ڇوڪر اوهان کي الله ڏنو آهي تون دلگير نه ٿيءُ، الله سڀ چڱي ڪندو" فقير ائين چئي هلڻ لڳو. عورتن جي فطرت موجب شاگرد جي والده ۽ ٻيون عورتون هن کان ٻي ٻي قسم جا سوال پڇڻ لڳيون ته فلاڻو ڪم ڪيئن ٿيندو. ۽ ڪڏهن ٿيندو وغيره مگر فقير جواب ڏنو ته انهيءَ سڀني سوالن جو جواب مان ٻنهنجي جوءِ تي ڏيندس، عورتن هن کان پڇيو ته فقير تنهنجي جوءِ (رهڻ جي جاءِ) ڪٿي آهي؟ فقير جواب ڏنو ته اها ان شاگرد کي معلوم آهي. ائين چئي فقير يڪدم غائب ٿي ويو. شاگرد کي موٽي اچڻ

تي عورتن کيس حقيقت کان آگاهہ ڪيو، شاگرد هنن کان پڇيو تہ سندس حليہ ڪهڙو هو؟ هنن چيو تہ سندس حليہ هو بهو سائين سخي بادشاه جهڙو هو، مگر ڪيس لباس فقيراڻو هو، خير شاگرد جي مائٽن کي فقير جي سمجهاڻ تي گهڻو اثر ٿيو، وري آچر تي جڏهن هو شاگرد درگاه شريف تي آيو تہ سائين بادشاه جن مشڪي فرمايو ابا، توتي آڳ هجي، شاگرد عرض ڪيو- قبلا سائين، سائين جون مون تي سوين اُپڪارون آهن مگر سائين جن الائي ڪهڙي آڳ جو ذڪر ڪن ٿا. جنهن تي هن فرهدار وري بہ مشڪي فرمايو تہ ”ابا، اسان تنهنجي گهر آيا هئاسون، مگر تون ڪونہ هئين.“ تنهن تي شاگرد چيو قبلا! ڪجهہ ترسو ها مان بہ تہ زيارت مان مشرف ٿيان ها- پاڻ فرمايائين تہ ابا تون تہ هميشہ اسان سان گڏ آهين، مگر تون اسان کي روئي دانهن ڏني آهي جا اسان سهي نہ سگهياسين تنهنڪري اچي تنهنجي والده کي سمجهائي وياسون. آئينده هو توکي تنگ نہ ڪندا- سبحان الله.

ياد رکڻ گهرجي تہ سائين سخي بادشاه جن قديمي روايات موجب بظاهر لوڙهي کان ٻاهر نہ نڪرندا هئا- هن ڪامل اڪمل جون اهڙيون بلڪ انهيءَ کان بہ وڌيڪ هزارين ڪرامتون آهن جن جي قلمبند ڪرڻ لاءِ وڏو

داستان گهرجي.

هت مثال لاءِ هڪ ادنيٰ ڳالهه لکي ويئي آهي.

ماستر احمد علي فقير

هيءُ اصل گهوٽڪيءَ جو باشندو هو ۽ آخرين وقت ۾ پير ڳوٺ جي سنڌي اسڪول ۾ هيڊ ماستر هيو حضرت سخي قبول محمد دوم جو طالب عاشق صادق هيو سندس بي انتها عشق بابت ڪي ڪلام پيش ڪجن ٿا.

۱- الله گم هويا ته گم سهين،
ميڏا يار جيئي پرواه نهين.

۲- جنهن کي سڪ سخي سرور جي-
کهڙي ڪاڻ ڪڍن محشر جي.
هڪ دفعي جي ڏسڻ سان ٿي،
معاف پيا قبر جي.

مرشد اڪمل جو ٻيو هن تي ڏاڍو راز هو- جنهن جو هڪ مثال هت پيش ڪجي ٿو- هو روشن ضمير ۽ زنده دل درويش هيو- جڏهين وفات جو وقت ويجهو آيو ته هن هڪ ڪلام چيو جنهن جو پهريون مصرع پيش ڪجي ٿو:-

"مولي ڪندو شل قائم هوندس- شاه سخيءَ جي قدمن سان پير ڳوٺ ۾ بيماريءَ جي بستري تي هن اهو ڪلام چيو ته وايرليس وانگر سندس مرشد جي حضور ۾ پهچي ويو-

انهيءَ وقت سردار بهادر محمد بخش درگاه شريف تي سائين سخي بادشاه جي حضور ۾ حاضر هيو. سائين بادشاه جن اوچتو هن کي فرمايو ”ابا! ماستر احمد علي جو هينئر ستت دم پرواز ٿيتو آهي ۽ سندس استدعا هيڏانهن اچڻ جي آهي تنهن ڪري هينئر يڪدم تون پير ڳوٺ وڃ ۽ سندس لاش هيڏانهن ڪٺائي اچ ته هت دفن ڪيو ويندو، حڪم موجب سردار بهادر روانو ٿيو ۽ سندس رهائش گاه تي پهتو، هو وڃي ڏسي ته، ماستر صاحب پنهن جو پاڻ کي غسل ڏيئي نوان ڪپڙا پهري بستري تي ستو پيو آهي - هن جڏهين سردار بهادر کي ڏٺو ته مشڪي چيائين مرشد سائين قرب ڪري منهنجو عرض اجابت ۾ آندو آهي. هينئر ٿوري دير ترس ته هلون ٿا. مان غسل ڪري ڇڏيو آهي، ٻي غسل جي ضرورت ڪانه آهي. سردار بهادر کي چيائين ته منهنجي پرسان ڪرسي رکو، اوهان سڀ ٻاهر هليا وڃو ۽ دروازو بند ڪيو. سردار بهادر شيخ محمد بخش کان روايت آهي ته ته جڏهين دروازو بند ڪري اسان سڀ ٻاهر نڪري آياسون ته هڪ نور جي لاٽ آسمان کان آئي، روشن دان مان اندر روم ۾ ويئي - روشني اندر وڃڻ بعد ٻين ماڻهن جي ڳالهائڻ جو آواز آيو. وري جڏهين اها ساڳي لاٽ نور جي ٻاهر نڪري ويئي ته ماستر صاحب اسان کي اندر سڏ ڪيو.

مونکي چيائين ته هينئر مرشد سائين کان رخصت ورتي اٿم، هينئر ترسو تہ هلون ٿا. پوءِ هن ٢-٣ منٽ ويهي ذکر ڪيو ۽ چيو ته فقيرو هاڻي ياعلي مدد، پوءِ ڪلمون شريف پڙهي سڀ ڏهي پيو ۽ سندس دم پرواز ٿي ويو. اسان لاش جو بندوبست اڳي ئي ڪري ڇڏيو هيو. تنهنڪري دم پرواز ٿيڻ بعد يڪدم لاش درگاه شريف ڏانهن کڻائي وياسون.

هن ڪامل اڪمل سخي مرد جي ڪرامتن جون ڪهاڻيون بي حد ۽ بي شمار آهن جي ڳڻڻ جون نه آهن، هت ڪيتريون لکجن. قلم کي طاقت نه آهي جو سمورو بيان عيان ڪري. جنهنڪري هن هيٺ ڪرامت نمبر ١٥ لکي پورو ڪري مجبورا قلم کي بند ڪيو وڃي ٿو. مگر انڪان پيش تر هڪ گذارش ڪئي وڃي ٿي. هن مؤلف جي عمر هن وقت (٨٢) سال آهي. هن ضعيف ۽ بيڪار عمر ۾ ڪتاب لکڻ جو نازڪ ۽ دماغي ڪم هن ڪيئن شروع ڪيو تنهن لاءِ مختصر حقيقت ڪرامت ١٥ ۾ درج ڪئي وئي آهي جهڙيطرح سردار بهادر محمد بخش کي هن سرتاج السالڪين سلطان العاشقين ثاني سچل مهلت (Extension) عطا فرمائي سچل سرمست جي نالي ۾ ڪاليج برپا ڪرايو آهي. اهڙي طرح هن مؤلف کي به مهلت عطا فرمائي سچل سرمست جو ڪلام شايع ڪرڻ جو ڪم سپرد ڪيو ويو

آهي. هن وقت تائين ڪيترن اديب صاحبن سچل سر مست تي مضمون لکيا آهن ۽ اچا پيا ٿا لکن. مگر انهن جي تحرير ۽ مؤلف جي تحرير ۾ ايهو تفاوت آهي جو هنن جي تحرير ۽ تقرير مان سندن قابليت، بلاغت ۽ فصاحت نمودار آهي، مگر مؤلف جي طرز مان جذبهٔ محبت اظهار ٿيل آهي. حضرت شاه صاحب جن جو بيت آهي ته :-

چاوت رکي چت ۾ سنهون ڪتيو جن،
تن جو صرافن دکو داخل نه ڪيو.
محبت رکي من ۾ رندا روڙيا جن،
تن جو صرافن اڻ ڪتيو اگهايو.

هن مؤلف پڻ جذبهٔ محبت ڪان رندا روڙيا آهن. الله پاڪ پاڻ ڪل علم ۽ ڪل عقل جنهن ڪري هن وٽ علم درڪار نه آهي مگر هنکي فقط محبت پسند آهي جو هنجي صفا تي نالن ۾ هڪ "ودود" (محبت وارو) نالو به ڏيکاريل آهي، ايهوئي سبب آهي جو ٻين اديب صاحبن سچل سرمست کي سنڌ ۾ ٻيو نمبر شاعر ڪري شمار ڪيو آهي، مگر مؤلف هن اقليم سخن جي تاجدار شاعر کي سنڌ ڇا بلڪ ساري دنيا ۾ پهريون نمبر شاعر ڪري تسليم ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته هن مايه ناز ۽ فخر سنڌ. شاعر جي ذات بابرڪات

اڪيلي ٿي آهي - جنهن نون لکن کان زياده ڪلام سنڌ
ٻولين ۾ چيو آهي - (ڏسجي ڪتاب "دانا درازي" جنهن
۾ هن قادرالڪلام شاعر بابت ٻارهن مضمون درج ڪيا
ويا آهن.

هديه ٧٥ پئسا، مؤلف وٽان ملي سگهندو.

هيٺئين حقيقت پيش ڪجي ٿي

ڪرامت نمبر ١٥

سال ١٩٦٠ع ۾ مؤلف کي مدي جو بخار ٿيو هو. بخار
اهڙي شديد صورت اختيار ڪئي جو بچڻ جي اميد بلڪل
ڪانه رهي هئي. هڪڙي رات هن خواب ۾ ڏٺو ته بيماريءَ
جي حالت ۾ هو پاڻ کي درگاه شريف تي ڪٺائي ويو آهي.
مگر مرشد مٺي کيس فرمايو ته ابا، الله جي سرڪار لا ابالي
آهي، تنهنجي حياتي پوري ٿي آهي سو هيٺئر گوٺ موٽي وڃ
جنهن ڪري هو روانو ٿيڻ لاءِ تيار ٿيو. مگر کيس دل ۾
خيال پيدا ٿيو ته مرشد جو آخرين ديدار ڪيو وڃي. تنهن
ڪري هو دوباره مرشد جي حضور ۾ حاضر ٿي دعا طلب
ڪئي. هن دفع سندس مرشد مٺي مشڪي فرمايو ابا، تنهنجي
لاءِ هاڻي الله پاڪ کان مهلت ورتي اٿسي هاڻي ڪو فڪر
نه ڪر ۽ حاجي امام بخش لاءِ پڻ مهلت ورتي وئي آهي.

صبح جو هن پنهنجي حالت بلڪل درست سمجهي ۽ پنهنجي گهر جي ڀاتين سڀنيڪي خواب جي حقيقت کان آگاه ڪيو ۽ ساڳي وقت حاجي صاحب ڏانهن خير پور اهڙي خوشخبري لکي وئي. جڏهن سندس ڪمزوري دور ٿي ته هنکي سچل سرمست جي ڪلام شايع ڪرڻ جو حڪم صادر ٿيو. ڀهر ٻون هن ” دولهه درازي “ ڪتاب لکيو آهي خلق کي پسند اچي يا نه اچي بلڪ يقين سان ظاهر ڪيو وڃي ٿو ته اهو ڪتاب مالڪن وٽ منظور ۽ مقبول ٿيل آهي.

جيڪڏهن ايها مهلت اچا هلندي آئي ته انشاء الله حج بيت الله کان واپس اچڻ تي سموريون رهيل مثنويون پوريون ڪيون وينديون ۽ اردو، سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام ترتيب وار لکيو ويندو.

سچل سرمست جي دعوت

جهڙي طرح هن پارس حقيقي خالق جي مخلوق کي فراخدلي سان دعوت ڏني آهي. اهڙي طرح ٻيو ڪو شاعر ڏئي نه ٿو سگهي. فرمائي ٿو ته :-

گر بخواهي ميشوم واقف از اين اسرار راز

پس بکن باصدق دل روئي بسوئي شاه دراز

معني :- جيڪڏهن تون چاهين ته مان انهي راز کان واقف ٿيان ته پوءِ صدق سان شاه دراز هليو اچ .

دوڙ درازين منصب پائين

پيا وت کهڙا پنڌ پچائين

(فقير نانڪ يوسف)

★

الحاج قاضي علي اڪبر بتخلص غلام اڪبر

ڪافي (سر ڪلياڻ)

ٿل - عجائب عشق جي محفل - درازن ۾ ڏسو يارو

١- اتي سخي قبول محمد - نيارو نـــور آ احمد
والي سردار آ هند سنڌ - منصوري جنهن هنيو نعرو.

٢- ڏسين جي خود خدا کي - چڏي ڏي تون پيائي کي
ڪري قائم سچائي کي - ڪر تنهن طرف تون لاڙو.

٣- پلڙي پيڙا ۾ تاري ٿو - مثل دليون جياري ٿو
اماره نفس ماري ٿو - مڪمل مرد پاجهارو.

٤- ميـن سان ٿو ڪري شفقت - ڪاٽي تنهي ڪاٽي ڪلفت
ڏئي ٿو فيض ها رحمت - فراوان فيض فهم وارو

٥- نه ڪر خوف "غلام اڪبر" - ورتو آه دست تنهن دلبر
لڳو جيڪو سندس آڌر - ٿئي تنهن ڪو نه مونجهارو

الحاج قاضي علي اڪبر بتخلص غلام اڪبر

ڪافي (سر ڪوهياري)

ٿل - آهه اچي تون پس هيڪر شاهه دراز ميان

١- ٻڌي ناءُ سخي جو * هر هنڌ گهٽين گس ميان
منجهه مراتب عشق ۾ * آهي سيني ڪان سرس هيڪر

٢- ڏسڻ سان ٿي سخيءَ جي * لهي قلب تان ڪس ميان
ڪعبه منهن محبوب جو * هڪو تنهنجو درس هيڪر

٣- آيو جيڪو لوڙهي اندر * ڪٿيو تنهن چڻ جس ميان
توڙي هجي ڪمبخت هو * ميڻي چڱي اها مس هيڪر

٤- چوٽو ڪمبخت تون رهين * دم نه هڪ هت ترس ميان
ڏٺو جنهن نه سخيءَ کي * جيئڻ تنهنجو عبث هيڪر

٥- "غلام اڪبر" غريب هي * ڏئي توکي ٿو ڏس ميان
پائي مرادون پوءِ من جون * ويٺو جڳ ۾ هس هيڪر

ڪافي (پٽ ڀيري سورٺ)

ٿل - نور نوراني درازن ۾ * عجب نروار آ
ثاني سخي قبول محمد * عشق جو اوتار آ

١- پوش پائي بشر جو * عرشون آيو انسان ٿي
ورته وادي عشق ۾ * ساڳيو اهو اسرار آ

٢- منجهه مرتب عشق ۾ * آه لاثاني لا مثال
نعرو هڻي منصور جو * ارض سما اظهار آ

٣- لانگهو شريعت جو لنگهي * تنهن ٽئه طريقت ڪي ڪيو
هاڻي حقيقت معرفت ۾ * مرد سو مختيار آ

٤- منجهه سخاوت ۽ شجاعت * مرد مڪمل نامور
فيض ڏئي هر ڪنهن عيان * اعليٰ سندس دربار آ

٥- آفتاب سڀني عاشقن * مهتاب مڙني عارفن
سردار سڀني مالڪن * مستن وڏو مهنار آ

٦- "غلام اڪبر" آ ازل ڪان * در پيو داتا سخي
خوف خطرو تنهن ڪهڙو * جنهنڪي اهڙي آڌار آ.

★

قاضی علی اکبر - بتخلص غلام اکبر

کافي اردو (نعت)

مجھے تو جام اے ساقی * پلادو یا رسول الله
دوئی کا بیچ سے پردہ اڑادو یا رسول الله ۔

۱- کرو تم صاف دل میرا * دوئی غیرو سیاہی سے
اس میں نور تو اپنا بسادو یا رسول الله ۔

۲- مجھے مخمور کرو ایسا * رہے نا یاد جسم اپنا
سدا سرمست محبت میں بنادو یا رسول الله ۔

۳- رگ رگ سے ہوئي جاري * مجھي آواز ہو ہو ہو
تن میں تار تو اپنی لگادو یا رسول الله ۔

۴- "غلام اکبر" پر ایسی کرو شفقت شہنشاها
رخ- منور مجھے اپنا دکھادو یا رسول الله :

★

قاضي علي اڪبر درازي - بتخلص غلام اڪبر

ڪافي سرائڪي

ٿل :- هڻ ڪيون لڪ لڪيندي هو- ڪيل ڪلايا تئن ووتئن

١- آدم دا چانام ڌرايئي - "سري و انا سره" آپ الايئي
نور سمايا تئن وو تئن-

٢- "ونفخت فيه" حڪم ڪيتا - مل ملائڪ سر سجدا نيتا
رنگ رچايا تئن وو تئن-

٣- احد وچون احمد هويا - "انا احمد" آپ الايا
"لولاڪ" ڪهايا تئن وو تئن-

٤- موسيٰ هوڪر آ ڪيئي "ارني" آپ الايئي "لن تراني"
طور جلايا تئن وو تئن-

٥- انالحق دا ماريئي نعرا- آپ کو آپي دار چڙهايا-
لوڪ پلايا تئن وو تئن-

٦- بشري جامه آپ پهر ڪي- بيٺڪ شاه درازين ڪرڪي
سخي سڏايا تئن وو تئن-

٧- "غلام اڪبر" ڪون ويچارا- هردي اندر توئين سارا
راز الايا تئن وو تئن.

اخبارن جا تبصرا

هن کان اڳ جيڪي به تبصرا ڪنهن اخبار ۾ شايع ٿيا آهن، سي ڪتاب شاعر هفت زبان فخر پاڪستان ۾ ڏيکاريا ويا آهن، صفحه (۴۳) ۾ هـ-ن کان پوء شايع ٿيل تبصرا هن، ڪتاب ۾ به ڏيکاريا وڃن ٿا.

۱- روزانه امروز لاهور	۱۹-۹-۱۹۷۵
۲- هفتيوار مظلوم گمبٽ	۲۲-۹-۱۹۷۵
۳- وزير تعليم گورنمينٽ آف سنڌ	۳۱-۱۲-۱۹۷۵
۴- روزانه نواء انقلاب سکر	۱۱-۱۲-۱۹۷۵
۵- روزانه آفتاب حيدرآباد	۳۰-۳-۱۹۷۵

روزنامہ امروز مورخہ ۱۹ ستمبر ۱۹۷۵

میرا پیغام محبت ھے جہاں تک پہنچے

وحید عثمانی

ھماری ملاقات حضرت سچل سر مست کے کلام کے ممتاز مفسر اور محقق قاضي علی اکبر سے ھوگئی۔ قاضی صاحب جواب عمر کی آخر منزل میں ھیں خانقاہ کے ایک کمرے میں بورے ہر استر جمائے بیٹھے ھوئے تھے۔ قاضی صاحب کو علم اور تحقیق کی سچی لگن رکھنے والے ان فضلا میں سے ھیں، جو نام و نمود سے بے نیاز تخلیق کے کرب میں مبتلا ھیں۔ قاضی علی اکبر سندھی۔ اردو اور انگریزي میں حضرت سچل سرمست رح اور خانقاہ درازیہ کے دوسرے صوفیون کے متعلق اب تک چالیس سے زائد کتابین لکھ چکے ھیں۔ قاضی صاحب سے ملاقات ھماری زندگی کا ایسا تجربہ ھے جو حضرت سچل سر مست کے خاندان کے دوسرے ممتاز افراد کے بارے میں ھماری معلومات میں اضافہ کرنے کا موجب بنا، اس کے لئے ھم محترم قاضی صاحب کے ممنون ھیں۔

هفتيوار مظلوم گمبٽ ۲۲ سيپٽمبر ۱۹۷۵

تحرير :-

عباسي غوث بخش "خادم" کهڙائي

الحاج قاضي علي اڪبر بتخلص غلام اڪبر

ماڻهو سڀ نه سهڻا، پکي سڀ نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي.

وادي- مهراڻ جو هڪ با اخلاق پيرسن بزرگ الحاج قاضي علي اڪبر درازي، بتخلص غلام اڪبر ڪنهن به تعارف جو محتاج نه آهي. شاهه درازا (گمبٽ) جي درگاهه عالي مان فيض ياب ۽ معرفت جو مالڪ نيڪ صوفي صاف دل ۸۲ سالن جو درويش بزرگ سنڌ جي قديم شهر روهڙي جي مشهور معروف قاضي خاندان جا چمڪندڙ چشم چراغ آهن. حضرت سچل سرمست جي پشت مان بيمثال جوهر ۽ معرفت جي منزل رسائيندڙ گوهر، ڪامل اڪمل ولي صاحب سرور حضرت محبوب عاشقين سخي قبول محمد دوم درازي عليه رحمت جو نوازيل لاڏلو، دادلو مچيل طالب ۽ سڪ وارو سالڪ ٿي رهيو آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين شاهه دراز جي مقدس درگاهه تي فقراءَ طرفان "خليفه بابا" ۽ فقير قاضي بابا

جي ناليءَ سان سڏيو وڃي ٿو. ننڍڙيءَ وهيءَ کان وٺي مرشد اعظم جي عشق واري مقام تي نظر وڌي ۽ فنا في الشيخ جي منزل تي رسيو آهي. هن سڪ ۽ سوز سان محبوب مرشد جي امانت کي عملي جامو پهرايو، انهيءَ امانت کي پيرسنيءَ ۾ علم ادب جي خدمت سان سر انجام ڏئي رهيو آهي. اها علم ۽ ادب جي خدمت سنڌ، بلڪ پوري دنيا جي آڏو حضرت سچل سر مست شاعر هفت زبان جي مڪمل شعر کي ۽ سندن فڪر ۽ فلسفي ۽ تصوف کي سهڻي طرح تشريح ڏئي سان واضح ڪري ڏيکاريو آهي.

ڏيڍ لک ڇهه هزار ڇهه سؤ ڇهه اشعار دولهه دراز جي نو لک ڇهه هزار ڇهه سؤ ڇهه اشعار کي کولي ۽ ترجمه سان روشناس ڪرايو آهي، اها هڪ صاحب دل مرشد اعظم جي ڪرامت آهي جنهن هڪ پيرسن شخص ۾ اها صلاحيت رکي جو سچل سائين جي مڙني فارسي مثنوين ۽ ديوانن جا سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ ترجمه ڪري تنهن جي هزارن شايع ڪرائي تقسيم ڪيا. قاضي صاحب جا تصنيفات ٿيل ڪتابن جو جملي تعداد ۱۰ آهي. سنڌي ۾ ۲۹ ڪتاب شايع ڪرايا، اردو ۾ ۱۰ ڪتاب شايع ڪرايا، انگريزي ۾ ۲۰ ۽ سرائڪي ۾ هڪ ڪتاب. انهن ڪتابن ۾ حضرت سچل سرمست جون جملي مثنويون مختلف ٻولين ۾ انتخاب ٿيل ڪلام ۽ ديوان آشڪار جو سنڌي ۽ اردو ۾

ترجمہ انهيءَ کان علاوه مقبوليت رکندڙ ڪتاب " دولهہ درازي " ۾ شامل آهي. محبوب مرشد جي عقيدت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ سلطان العاشقين حضرت سخي قبول محمد دوم دولهہ درازي تي " سخي سرتاج " لکي شايع ڪرايائين. قاضي صاحب جي پنهن جي شعر جو ڪتاب " عشق عجب اسرار " ۾ ہ حقيقي عشق جي هڪ نمايان خصوصيت رکيل آهي انهيءَ خاطر قاضي صاحب جي شعر ۽ان کي ڪلام پيش ڪجن ٿا جن مان محبت ۽ عقيدت جي اظهار جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

بدرگاه رب العالمين

ڏوه گناه ڪيم ڪيترا * ڏوه تہ منهنجو ڏاج
بخشڻ بچائون بندن جون * تنهن جو آهي رواج
غلام اڪبر غريب جو * آهين تون سرتاج
م ڪر مون محتاج * ڏسي ڏنگايون منهنجون.

....

ڏس نہ ڏنگايون منهنجون * تون ستر ڪر ستار
ڏي تون پاند پناه جو * ڍولـيا ڍڪــڻهار
غلام اڪبر غريب جي * لڄ رکـج لجـدار
عفـو ڪر غــفار * مڙيئي مدايون منهجون

بدرگاه رحمت اللعالمين

الله عشق منجهارون * پيدا ڪيو محمد
لولاڪ لما فرمائي * تيو عاشق خداوند
غلام اڪبر غريب جو * اجهو آهي احمد
پڙهان شڪر الحمد * سو رحمت اللعالمين ٿيو

....

صحابي علي اڪبر جي * ٿيءُ مرسل مهربان
نالي جو ننگ رکي تون * نه ڪر پريشان
اڳيان سمجهي اڙانگو * محشر جو ميدان
غلام اڪبر غريب کي * هن هيبت ڪيو حيران
تہ بہ اٿم اهو ايمان * تون ساڏي ٿيندين سرورا

بدرگاه امام اللعالمين

يا علي مشڪل ڪشا * ڪر مشڪلاتون معاف تون
مهر ڪر مسڪين تي * ڪٽ ڪشالا ڪاف تون
غلام اڪبر غريب تان * لاهه غير جو غلاف تون
آب ڪوثر جو پياري * اندر ڪر شفاف تون
ڪر اهو اوصاف تون * هن پرت جي پينار تي

بدرگاه محبوب سبحاني

محي الدين لقب تنهنجو * تون غوث اعظم دستگير
قدم تنهنجو ولين تي * تون آهين پيران پير
قطب رباني غوث ثمداني * شان تنهنجو بي نظير
غلام اڪبر هيءُ حقير * پرتو اٿئي هر حال ۾

بدرگاه مرشد هادي رهبر

ٿل- نور نوراني درازن ۾ عجب نروار آه
نالي سخي قبول محمد - عشق جو اوتار آه
٣- آفتاب سيني عاشقن - مهتاب مڙني عارفن
سردار سيني سالڪن - مستن وڏو مهندار آه
٤- غلام اڪبر آه ازل کان - در پيو داتا سخي
خوف خطرو تنهن کهڙو - جنهنکي اهڙي آدار آه.

نوٽ :- ان جي علاوه قاضي صاحب سرائڪي اردو ۾
به شعر چيو آهي.

تاريخ ٣١ آڪٽومبر ١٩٧٥ع

محترمي قاضي علي اڪبر درازي صاحب

السلام عليڪم : اوهين صوبه جا چاتل سڃاتل اديب
آهيو. سنڌي ادب جي ميدان ۾ اوهان جيڪا خدمت ڪئي

سگھي سرتاج

آهي تنهنجو هن صوبه جي هر فرد کي اعتراف آهي سنڌ جي عوامي سرڪار صوبه سنڌ جي عوام جي انهيءَ اعتراف کان اڻ ڄاڻ نه آهي.

سنڌ سرڪار جو تعليمي ۽ ثقافتي کاتو اوهان جون اهي خدمتون رڪارڊ تي رکي ٿو ۽ انهيءَ جو قدر ڪندي مذڪوره کاتي طرفان اوهان کي ١٥٠ روپيه وظيفي طور ماهوار ڏنا ويندا اهو وظيفو اوهان جي ضلع جي ڊپٽي ڪمشنر جي معرفت هر مهيني اوهان کي تاحيات ملندو رهندو.

اوهانجي وظيفي في سال في رقم جو چيڪ اوهانجي حد جي ڊپٽي ڪمشنر کي موڪليل آهي. اوهان جو وظيفو پهرين آڪٽومبر ١٩٧٥ کان شروع ٿئي ٿو.

اوهان جو مخلص

پيار علي الانا

الحاج قاضي علي اڪبر درازي

بتخلص "غلام اڪبر" ١١-١٢-١٩٧٥

اچا پي آهين ڪل جڳ ۾ ڪي ڪاڙي.

هزارين ڪل دنيا جي باغن ۾ ٽڙن ٿا تن مان ڪي

گوشي گمنامي ۾ پنهنجي مهڪار ڦهلائين ٿا تہ ڪن جي

خوشي مان انسان ذات فائدو حاصل ڪري ٿو.

ساڳي ريت وادي مهراڻ جي ڪناري تي روهڙي شهر ۾ جيڪو اڳ ۾ ئي فقيرن اوشاقن جو آستانو آهي اتي الحاج قاضي علي اڪبر تولد ٿيو.

ننڍي وهي ڪان هن جي چولي عشق حبيب جي چڻنگ دکي جن کي حضرت محبوب عاشقين سخي قبول محمد دوم اجاگر ڪيو ۽ اها عشق جي ٻرندڙ چڻنگ عشق جو شعلو ٻڻجي ويو. قاضي صاحب پنهن جي مرشد جي سخا مان وقت بوقت سرڪيوڻ پيئندو رهيو ۽ قاضي صاحب جي قلب تـي عشق جو رنگ مٿان رنگ گهرو ۽ گهاٽو ٿيندو ويو. آخر منزل "مـــن تـو شده. تـو مـــن شدي" جـي منزل تـي وڃي پهتو. شاه درازن جي دربار ۾ فقط باطني بلڪ ظاهري عزت ۾ سندس دوبالا ٿي ويئي. درازي دولهه جي درگاه تي قاضي صاحب کي عزت وچان قاضي بابا يـا خليفو بابا جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. قاضي صاحب پنهنجي عشق جي آگ ٺڏي ڪرڻ لاءِ تصنيفات طرف توجهه ڪيو مگر عشق ۽ عاشقين جـي داستان عشق آگ کـي پنيت بنائي ڇڏيو.

قاضي صاحب پنهنجي محبوب مرشد جي تصنيفات کي مختلف زبانـن جهڙوڪ سنڌي. اردو ۽ انگريزي ۾ ترجمو

سخي سرتاج

ڪري پاڪستان جي هر مڪتب فڪر جي فرد کي حضرت سچل سرمست جي ڪلام سان روشناس ڪرايو- قاضي صاحب هن وقت تائين جيڪي ڪتاب لکيا آهن تن جو تعداد ٢١ کان وڌي ويو آهي مگر ٨٢ ورهين عمر جو مجاهد جوانن وانگر پنهنجي مرشد جي فلسفي ۽ فڪر کي عوام تائين رسائڻ ۾ هميشه مشغول آهي الله تبارڪ و تعاليٰ کيس عمر دراز سان صحت ۽ نور جي سلامتي بخشي، هن جو جيڪو عشق عميق آهي انهي ۾ سان انسان ذات فائدو حاصل ڪري. حضرت قاضي علي اڪبر درازي حضرت سچل سرمست جي ڪتاب ديوان آشڪار جو سنڌي ۽ اردو ۾ ترجمو ڪري پنهي ٻولين تي احسان ڪيو آهي. سندس لکيل ڪتاب دولهه درازي ۽ حضرت سخي قبول محمد دوم درازي جي ياد ۾ سخي سرتاج لکي عوام جي هٿن تائين پهچايائين. قاضي صاحب جيڪو هڪ شاعر به آهي انهي سان درازن جي درگاه واري هيڪار اچي ٿي، عشق عجب اسرار ڪتاب انهي جي ڪلمل ثبوت آهي. اسان جي دعا آهي ته قاضي صاحب کي الله تبارڪ وڏي عمر ۽ صحت بخشي جيئن هي عاشقين جو عاشق صادق پنهنجي سڪ ۽ سوز سان عوام کي آگاه ڪري رستو ڏيکاري.

روزانه آفتاب حيدرآباد از- گل محمد انصاري

آچر ۳۰ مارچ ۱۹۷۵ع

روهڙي تاريخ جي آئيني ۾

نوٽ :- هن اخبار منجهان قاضي علي اڪبر مان تعلق رکندڙ مضمون جو اختصار هيٺ ڏيکار جي ٿو-

بکر جي قلعي ۾ شاه صدرالدين بادشاه جي مزار آهي- جيڪو مغلن جي زماني ۾ بکر جو گورنر هو- ان کان علاوه مخدوم نوح بکري جي مزار پڻ آهي- جنهن جي خاندان مان شيخ خيرالدين کي دهلي جي مغل بادشاه محمد شاه بکر جو قاضي القضاه (چيف جسٽس) مقرر ڪيو هو- جنهن جي سند اڄا تائين سندن پويان وٽ موجود آهي (انهيءَ سند جو فوٽو پارسي ۾ لکيل هن اخبار ۾ ڏيکاريو ويو آهي) انگريزن جڏهن سنڌ فتح ڪئي ته هن خاندان کي بکر مان لڏائي، روهڙيءَ ۾ آباد ڪرايو هو، جن مان قاضي علي اڪبر صاحب درازيءَ وارن مگر جوان دماغ واري شخصيت موجود آهي. هيءَ بيڙو اڄا تائين پنهنجن وڏن جي علمي شمع کي روشن رکيو اچي- ۽ انڪل ۴۰ ڪتابن جو مؤلف ۽ مصنف آهي.

از ڊاڪٽر عبدالمجيد

رنيءَ جي رهاڻ

سڪ ۽ سوز

قاضي علي اڪبر درازي

سنڌ جي سر زمين سڪ ۽ سوز سرت ۽ ساڃاهه سونهن ۽ ساءَ توحيد ۽ تصوف علم ۽ عرفان جي سدا بهار سدائين ٻهڪندڙ ۽ مهڪندڙ ۽ هر حال ۽ هر وقت ۾ سڳنڌ ۽ سرهاڻ ٻهڪيڙيندڙ آهي. ڪيترا ڏکـ ۾ ڏولائتا مٿس آيا پر مرڪ ۽ مهڪ هن وٽان ڪڏهن به نه موڪلايو. ڪيڏا به لاهه چاڙهه مٿس آيا تڏهن به هو اسلهه ماڻڪن کي جنم ڏيندي ۽ روحانيت جي سرسبزي ۽ شادابي قائم رکندي آئي. مهراڻ جي ماٿري ڪنهن به وقت صاف دل صوفين، عرفان ۽ ايقان جي حامين کان خالي نه رهي آهي. موجوده مادي دور ۾ هن ماڪيءَ جهڙي منٺڙي ملڪ ۾ سچا سالڪ موجود آهن جيڪي سڪ ۽ ساڃاهه جو سنيهو پيا عالم کي آڇن.

روهڙيءَ جو ويٺل سائين قاضي علي اڪبر درازي اهڙو ئي هڪ صاف دل صوفي ۽ سچو سالڪ آهي جنهن رياضتن ۽ مجاهدن ذريعي دل ڌوئي دوئي کان ڌار ڪئي آهي، سندس دل دنيائي، غلاظتن کان پاڪ ۽ صاف آهي

ان ۾ جيڪڏهن ڪجهه آهي ته اهو جمال مطلق جو جلوو آهي جنهن ڪري سندس منهن سدائين مهڪندڙ ۽ ٻهڪندڙ پيو نظر ايندو ۽ ان ۾ نوراني تجلو نمايان نظر ايندو. اهو سبب آهي جو وڏي عمر ۾ به سندس طبيعت ۾ بخيلي ۽ قنوطيت ڪي داخل ٿيڻ جي همت نه ٿي سگهي آهي. سائس ملبو ته سندس منهن ۾ گهنج ۽ مايوسي نظر نه ايندي. عام طرح ڏٺو ويو آهي ته وڏي عمر واري ماڻهوءَ کي چڙ ۽ بخيلي ٿيندي آهي پر قاضي صاحب سان ملبو ته سندس منهن تي مرڪ نظر ايندي ۽ سندس صحبت مان ساڃ ڀرسندو.

قاضي صاحب هن مادي دور ۾ اڪيلي سر تصوف جي تحريڪ آهي. هو هر وقت حضرت سچل سر مست جي سنيهي جي تلقين ڪندو نظر ايندو. انهيءَ سلسلي ۾ هن حضرت سچل سائين جي ڪلام جي اشاعت جي سلسلي ۾ وسهون ڪين گهٽايو آهي. حضرت سچل سر مست جي زندگيءَ جي پيغام تي سنڌي، انگريزي ۽ اردو ۾ ڪيترائي ڪتاب لکي پنهنجن پئسن سان ڇپائي پڌرا ڪيا اٿس ۽ سموريون مثنويون (جي ڪل ۸ آهن) سنڌي ۽ اردو ترجمن سان ڇپائي شايع ڪيون اٿس. ديوان آشڪار جو سنڌي ۽ اردو ۾ ترجمو ڪيو اٿس جيڪو جلد شايع ٿيڻ وارو آهي. هر وقت انهيءَ ڌن ۾ هوندو ته حضرت سچل سر مست جي سنيهي جي سلسلي

۾ ادبي جلسا ٿين، مشاعرا ۽ مذاڪرا منعقد ڪيا وڃن. ان مقصد لاءِ سڪيم ماڻهن سان ملندو پري پري پنڌ ڪندو صعوبتون سهندو سنڌي، انگريزي ۽ اردو ۾ لکپڙهون ڪندو درخواستون موڪليندو ۽ پمفليٽ ڇپائيندو ۽ ورهائيندو نظر ايندو. مطلب ته هر طرح پاڻ پتوڙيندو نظر ايندو انهيءَ مقصد لاءِ پيريءَ جي باوجود هر قسم جي تڪليف سهڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي ۽ وڏي ۾ وڏي رقم به نهايت فراخدليءَ ۽ خوشيءَ سان خرچ ڪندو آهي. جڏهن ڪين اهڙي جرائت، همت ۽ سرجوشيءَ سان ڪم ڪندو ڏسندو آهيان عقيدت وچان سندس آڏو ڪنڌ جهڪي ويندو آهي. هو سچل سرمست جو سچو طالب ۽ سراپا عشق حقيقي آهي. مادي دور ۾ سندس وجود ظاهر ڪري ٿو ته سرزمين سنڌ ۾ روحانيت جي پرچار لاءِ مجاهد موجود آهن.

محترم اعجاز حسين مغل صاحب پنهنجي والد بزرگوار مرحوم غلام حيدر مغل صاحب جون پنهنجي حياتيءَ واري زماني ۾ لکيل ڪرامتون موڪليون آهن جي جنسي هن ڪتاب ۾ شايع ڪيون وڃن ٿيون.

اسان جي درگاه درازا شريف جي طالب قاضي علي اڪبر صاحب چوڻ ڪيو آهي ته مان پنهنجو اکين ڏٺو احوال پنهنجي مرشد سائين سلطان العاشقين شهنشاهه سخي قبول محمد سائين جو ڪتاب ۾ درج ڪرڻ لاءِ لکان هن ناقص خادم کي ڪهڙي طاقت آهي جو اهڙي شهنشاهه هادي جي حق ۾ لائقي طور احوال لکي سگهي ۽ نه وري ڪتاب ۾ ايتري جاءِ آهي. تنهن ڪري ٿورو احوال اکين ڏٺو عرض رکان ٿو.

عاشق الله جا جيڪي فنا في الله يا تنهن کان پوءِ بقابالله جي موج ماڻي سگهيا آهن سي هر وقت هردم پنهنجي محبوب ۾ گم آهن. انهن جو دل ۽ دماغ الله سائين کان جدا ڪونه ٿو رهي هو هميشه وصل ۾ رهن ٿا. جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي ته

اٺئي پهر اليل - عاشق گم الله ۾

جيڪي انسان سمورو وقت الله ۾ گم آهن سي ڪيئن جدا رهي سگهن ٿا. تن جي آهي ۽ جهڙي اها

سخي سرتاج

آهي ۽ ٿي سکهي ٿي جيڪا الله کي پسند آهي-
انهيءَ حقيقت کي نيڪ ذهن لاءِ ٻي عاشق جو
چوڻ هيٺ ڏجي ٿو.

خود رازالحق اوئي کول رها هي
منصور کي پڙدي ۾ خود بول رهاهي
اسان جي شهنشاهه سائين سچل فرمايو آهي
من نمي گويم- ياري گويه بگو

هن حقيقت هوندي اهو چوڻ بلڪل برابر آهي ته
عاشق جي زبان مان فقط اهو ظاهر ٿيندو آهي جيڪو
الله کي پسند آهي. اهوئي سبب هو جو اسان جو مرشد
سائين سائل جو عرض قبول ڪرڻ وقت چوندا هوا:
"ابا اسان ڪم ڪيوسي" الله کي سيڪا طاقت آهي.
الله سائين اهي به ڪم ڪري ٿو جيڪي ظاهري عقل
ڏيا طاقت کان ٻاهر هجن. تنهن ڪري ڪي معجزا
جيڪي عقل قبول نه به ڪري سي به ٿين ٿا. هاڻي
ڪجهه موجزا سائين سخي بادشاهه جا اظهار ڪيان ٿو.

اج اٽڪل ٥٥ ورهه ٿيا جو مان درگاه شاهه دراز
شريف ڏي ويندو رهندو آهيان. جڏهن ٻهريائين ويس ته
سرتاج العاشقين مرشد نبي قبول محمد سائين گادي نشين
هوا. انهيءَ وقت آءٌ اسڪول ۾ پڙهندو هوس. شاگرد

جي حالت ۾ منهنجو خاص مقصد اهو هوندو هو ته امتحان ۾ هر سال پاس ٿيان. درگاهه شريف تي جڏهن ويندو هوس ته روضي مبارڪ ۾ ۽ سائين کي عرض فقط امتحان جي پاس ٿيڻ جو ڪندو هوس. انهيءَ وقت جي طالبن جو ۽ منهنجو اهو اعتبار هوندو هو ته سائين داتا کي زبان سان عرض ڪرڻ ضروري نه آهي. هو دلين جا ٻوليا آهن تنهن ڪري پاڻ سڀ عرض اسان جا سمجهندا آهن. زباني عرض ڪرڻ کان سواءِ مونسان اها مهرباني ڪندا هوا ته امتحان جي نتيجي ظاهر ٿيڻ کان ڪم از ڪم هڪ مهينو اڳ مونکي خواب ۾ ٻڌائي ويندا هوا ته ابا تون امتحان ۾ پاس آهين ڪن ڪن وقتن تي مارڪون به ٻڌائيندا هوا. سندس ارشاد هر وقت سچو نڪرندو هو. ڀلا سچي جو سخن سچو ڪيئن نه نڪرندو!

هڪڙي وقت ١٩١٦ ۾ جڏهن مان مئٽرڪ ڪلاس ۾ پڙهندو هوس ۽ اڃان امتحان ۾ داخلا جون درخواستون نه ڏنيون هيم ته مونکي خواب ۾ فرمايو ته "تون هڪ امتحان ۾ پاس ٿيندين" انهيءَ زماني ۾ انگريزي ٧ درجي ۾ ٻن قسمن جا امتحان هوندا هوا هڪ مئٽرڪ ٻيو فائينل مئٽرڪ پاس ڇوڪرن کي ڪاليج ۾ داخلا ملي

سگهندي هئي مگر فائينل پاس وارن کي فقط نوڪري ماڻي سگهندي هئي پر هو ڪاليج ۾ داخلا وٺي وڌيڪ پڙهي نه سگهندا هوا.

جڏهن مئٽرڪ امتحان ۾ ويهڻ لاءِ درخواست ڏيڻ جو وقت آيو تڏهن مان پنهي امتحانن ۾ داخل وٺڻ لاءِ درخواست ڪرڻ جو ارادو ڏيکاريو. هيڊ ماسٽر مسٽر ڪشن چند لعلواڻي مونکي ڇگو پائيندو هو ڇو جو مان هوشيار شاگرد هوس. هن مونکي صلاح ڏني ته فقط مئٽرڪ ۾ داخلا وٺ. جيڪڏهن پنهي امتحانن لاءِ تياري ڪندين ته مبادا ڪاميابي پنهي امتحانن ۾ نه ٿئي پر جيئن جو سائين داتا مونکي ارشاد ڪيو هو ته هڪ امتحان ۾ پاس ٿيندي جو امتحان صفا اکرن ۾ نه ٻڌايو هوائون مان محڪم ارادو ڏيکاريو ته مان پنهي امتحانن ۾ داخلا وٺندس هيڊ ماسٽر مونکي تمام گهڻو سمجهايو. آخر مان هن کي راز ظاهر ڪري ٻڌايو ته مونکي سخي سائين هڪ امتحان ۾ پاس ڪيو آهي مگر اها خبر نه آهي ته اهو ڪهڙو امتحان آهي تنهن ڪري ضرور مان پنهي امتحانن ۾ داخلا وٺندس هيڊ ماسٽر صاحب کي پيا ٣٠-٤٠ ڇوڪرا جن اهو احوال ٻڌو تعجب ۾ پيا ته منهنجو مرشد سائين ايڏو ته مهربان کي پهچ وارو آهي

جو مونکي امتحان کان اڳ نتيجو ٻڌايو ائين مان پوءِ ٻنهي امتحانن ۾ داخلا ورتي مگر جيئن مونکي پاڻ سچڻ ارشاد ڪيو هو تيئن ٿيو ۽ مان فقط مئٽرڪ ۾ پاس ٿيس.

F. Y. Art مان ۱۹۱۷ ۾ جهونا ڳڙهه ڪاليج ۾ پڙهيو هيم ڊسمبر جو مهينو هجي رات جو خواب ۾ سائين فرمايو ته تنهنجو امتحان جلد ٿيندو ۽ تون پاس آهين .F. Y جو امتحان هميشه فيبروري يا مارچ ۾ ٿيندو آهي هو لوڪل امتحان هوندو هو. مگر مان سائين جو ڏنل احوال معلوم ڪري صبر ڪيو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ جهونا ڳڙهه ۾ پليگ جي بيماري پئي ۽ اها بيماري تمام جلد وڌي وئي ۽ خوفناڪ حالت اختيار ڪيائين. شاگرد شهري ماڻهون تمام گهڻا ڀڄي ويا فقط سنڌي شاگرد جيڪي ۱۵-۲۰ هوا سي رهجي پيا ڇو جو سنڌن ڳوٺ تمام پري هو. اختياري وارن .F. Y جو امتحان جنوري جي شروعات ۾ مقرر ڪيو. شاگرد موني آيا ۲-۳ ڏينهن ۾ امتحان وٺي ڪاليج بند ڪيائون نتيجو پوءِ ظاهر ٿيو جنهن ۾ مان ڪامياب ٿيس.

۱۹۲۳ء ۾ مان ايل-ايل-بي پاس ڪئي. مونکي وڪالت لاءِ ڏڪار هوندي هئي تنهن ڪري مان روينيو

۽ انڪم ٽيڪس کاتي ۾ Provincial Service نوڪري جي ڪوشش ڪئي مگر ڪاميابي خير ٿي. آخر ١٩٢٤ع ۾ مختيارڪار جي عهدي ماڻ لاءِ درخواست ڪيم. درخواست ڪراچي ۾ ڏني درگاه شريف ويس ته سائين جن ڪاف دعا پنان انهيءَ ڏينهن منجهند جو ٢ بجي ماڻ ۽ خليفو رسول بخش جو درگاه شريف تي رهندو هو. پنهنجي لانڍي ۾ ويٺا هواسي ته اوچتو سائين جن لانڍي ۾ آيا. اتي خليفي صاحب منهنجي پاران سائين کي عرض ڪيو ته قبلا غلام حيدر مختيارڪار جي عهدي لاءِ درخواست ڪئي آهي دعا ڪيوس ته مختيارڪاري سليس پاڻ قربدارن فرمايو ”ابا اسان غلام حيدر کي جج ڪيو آهي“ تنهن تي خليفي صاحب وري وري عرض ڪيو ته قبلا جج جي جاءِ لاءِ درخواست نه ڪئي اٿس مگر مختيارڪاري لاءِ ڪئي اٿس. تنهن تي ٿورو گرم ٿي هڪدم اٿيا ۽ وري فرمايو ته ”اسان هن کي جج ڪيو آهي“ ڏسو سخي مرد جي سخاوت ماڻ لنڍي عهدي واري نوڪري جي طلب ڪري رهيو آهي ته پاڻ مونکي وڏي پگهار ۽ وڏي عهدي واري نوڪري ٿا ڏين ۽ اهو فيصلو ٥ ورهه اڳ ڪري مونکي ٻڌايائون مونکي ججي ١٩٢٩ع ۾ ملي وري ڏسو ته ججي ڪيئن تي ملي مارچ ١٩٢٩ع ۾ مونکي پوني خانگي ڪم لاءِ

وڃڻو پيو، مونکي سمنڊ جي مسافري ريل جي مسافري
کان وڌيڪ وڻندي هئي تنهن ڪري ارادو ڪيم ته
ڪراچي کان سمنڊ رستي بمبئي وڃان اتان ريل رستي
پوني وڃان. انهيءَ ارادي پٺاندر مان ڪراچي ويس. تنهن
وقت ۾ جهاز جي ڪمپني بي-او هوندي هئي مان آفيس
۾ ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ ويس مگر مونکي چيائون ته سڀ
ٽڪيٽون وڪرو ٿي ويون آهن تنهنڪري ٽڪيٽ نه
ملندي. لاچار ٿي مان ريل رستي وڃڻ جو خيال ڪيو
انهيءَ وقت دل ۾ آيو ته جنهن صورت ۾ ڪراچي آيو
۾ آهيان ته ڇو نه جڊيشل ڪاتي جي وڏي آفيسر جنهن
کي تنهن زماني ۾ جڊيشل ڪمشنر ڪري چوندا هئا
تنهن سان ملاقات ڪيان. مان سندس بنگلي تي ويس.
ڪارڊ ملاقات وارو موڪليم ته هڪدم گهرايائين. اچا
مان ڪرسي تي ويٺس ته ڪين ته مونکي جڊيشل
ڪمشنر چيو ته توکي سب جج جي مقرر ٿيڻ جو آرڊر
مليو آهي. مونکي ته خبر نه آهي. پوءِ پاڻ ويهي سمجهايائين
ته هڪ جاءِ خالي ٿي آهي. ۽ هن مونکي ميهڙ ۾ رکڻ
لاءِ سفارش ڪئي آهي. مونکي وڌيڪ سمجهاڻ اڳو ته
جج کي ڪيئن رهڻ گهرجي آخر ۾ مونکي چيائين ته
اسسٽنٽ ڪمشنر ڏي وڃ ۽ سندس پاران چئه ته آرڊرجلد

سخي سرتاج

ڪيئي ڇڻ سونڪان وڏيڪ هن صاحب ڪي انتظار هو

ڏسو سخي مرد جو قول پنهنجو پاڻ پڙيو.

اپريل ۱۹۲۹ع ۾ مان ڇاڃ ورتي ۶ پوء ۱۹۲۹ع

۾ سونکي ڊاڪٽر جو فٽنيس سرٽيفڪيٽ وٺڻو هو. تنهن

وقت ۾ ضلعي ڏجي سول سرجن جو سرٽيفڪيٽ ڏيو هو.

انهن وقت لاڙڪاڻي جو سول سرجن ڊاڪٽر محمود هو.

مان ڊاڪٽر وٽ ويس هن سڀ ٺيڪ سمجهو پر چيائين اکين

۾ ڪا خرابي آهي تنهنڪري اکين واري ڊاڪٽر کان صلاح

ڪريو ڏينهن کان پوء وري اچ. مان ڊاڪٽر گوبندرام مان

صلاح ڪئي جنهن چيو ته سڀ ٺيڪ آهي فقط عينڪ

جو ضرور آهي هڪ اک لاء سمپل گلاس گهرجي مگر

ٻي اک ڪٻي لاء ڪمپائونڊ گلاس گهرجي. ڪمپائونڊ

گلاس تنهن واسطي ڪلڪتي لکڻو پوندو ڇو جو انهيءَ

وقت ٻي سنڌ ۾ گلاس تاهڻ جي ڪمپني نه هئي. هن

چيو ته ۱۵ ڏينهن گهرجن جو منهنجا گلاس تهي اچن

تنهن ڪري سونکي پنهي ڊاڪس مان گلاس ڪيئي

پنهي اکين لاء سمپل گلاس ڏنائين گلاس سڄي اک

لاء ٺيڪ هو مگر ڪٻي لاء نه مان اهي گلاس عينڪ ۾

رجهي وري سول سرجن ڏي مقرر وقت تي ويس مگر دل

گهٻريل هئي تپاس کان اڳ مان پنهنجي مرشد سخي ڪي

ياد ڪري چيو ته "قبلا نوڪري به تون ڏني آهي

هاڻي سرٽيفڪيٽ به تون ڏي"

سڄي اک جي تپاس چڱي ٿي گذري مگر جڏهن کبي اک جي تپاس شروع ٿي ته ڪارڊ يعني ڦوڪو جيڪو ٻي اک کي ڍڪي رهيو هو تنهن ڪارڊ بورڊ ۾ هڪ ٽنگ ٿي پيو هو جنهن ڪري مان ٻنهي اکين سان پئي ڏسي سگهيس جڏهن کبي اک جي تپاس ٿي رهي هئي. انهيءَ ڪري تپاس بلڪل ٺيڪ ٿي ۽ مونکي سرٽيفڪيٽ مليو.

منهنجي مرشد جو هميشه جو ٻول هوندو هو ته " ابا اسان سڌ ۾ سڌ ڏيندا سي فقط توهان سڌ ڪيو." هي سندن شان آهي.

۱۹۱۵ع ۾ مان انگريزي پنجون درجو پاس ڪري ڇهين درجي ۾ داخل ٿيس جنهن کي هيڊماسٽر ۹ ڪلاس ٿا چون. پوءِ جلد درگاه شريف ويس واپس ڳوٺ اچڻ وقت ڪن سببن ڪري ريل رستي نه پر بيل گاڏي رستي اچڻو پيو. درگاه کان خيرپور ميرس تنهن کان پوءِ پير جو ڳوٺ پوءِ الرن جو ڳوٺ گذري ڪري اچي سنڌو نندي جي ڪناري تي آياسي. اسان ڪل ۵ درگاه جا طالب هواسي ۽ سڀئي ۱۵ کان ۲۰ ورهين جي عمر جا نوجوان ڇوڪرا. سنڌو ندي ٻيڙي رستي پار ڪري رک

جي پيلي ۾ داخل ٿياسي ارادو اهو هو ته رڪ جو پيلو لنگهي رڪ ريلوي اسٽيشن تي اچي ٽرين رستي شڪارپور وڃون رڪ جو پيلو تمام گهاٽو جهنگ آهي ڪٿي پيچرو هو ته ڪٿي نه مگر رستو ڪونه هو. اسان ڪجهه پنڌ ڪيو ته سج لٿو باقي ٿوري روشنائي هئي. اتي ٻه پيچرا ڏسڻ ۾ آيا جيڪي جدا جدا طرفن ڏي ويا اسان جي دل گهٻرائجي ويئي ڇو جو هڪ طرف سج ڪونه هو ٻي طرف سيئي طرف گهاٽو جهنگ ٽئين طرف رستي جي بي خبري ۽ خبر نه ٿي پئي ته ڪهڙو پيچرو رڪ اسٽيشن ڏي ويندو آخر دل جهلي مشورو ڪرڻ لڳاسي ته هڪدم هڪ وڻ جي پنڊيان ٿوري چرپر ٿي جا مان تمام چڱي طرح ڏٺي ڇو جو منهنجو منهن انهيءَ طرف هو. اها چرپر اهڙي هئي جيئن ڪنهن ماڻهوءَ جي اچڻ سان ٿيندي آهي پر ماڻهون نظر ڪونه آيو. هڪدم آواز ٿيو ته ”ڇو سونجها آهيو سڌا وڃو هي آواز اسان سڻي پڌو. اسان سيئي شڪر ڪيو ته رهبر سائين پهتو اچي اسان کي سڌو رستو ڏيکاريائين اسان اچا هڪ ميل يا ڪجهه گهٽ پنڌ ڪيو ته رڪ اسٽيشن جي سنگل جون بتيون نظر آيون تنهن ڪري وڏيڪ خوشي ٿي. پر اچا ۲-۳ ميل پري هئي. ٿورو پنڌ ڪيوسي ته ڳوٺ جا ۵-۸ ڪتا اسان

جي طرف ڀونڪندا آيا. اسان کي ٿورو خوف ٿيو مگر ايتري ۾ هڪ ملاڻهون اسان جي ۽ ڪتن جي وچ ۾ آيو جنهن لٺ جي اشاري سان سڀ ڪتا واپس ڪيا ۽ اسان کي چيائين ته رڪ اسٽيشن ويجهي اٿو. دلجاءِ ڪيو. پوءِ اسان صحي سلامت شڪارپور پهتاسي

۱۹۲۹ع ۾ مان سيهڙ جو جج هوس ۽ منهنجو ڊسٽرڪٽ جج هڪ هندو نالي ٽانور داس هو ڪن هندو وڪيلن ڊسٽرڪٽ جج تي اثر پيدا ڪيو هو ته مان هندن جي برخلاف مسلم نواز آهيان. هي هڪڙو ڪوڙو پروپيگنڊا هو پر ڊسٽرڪٽ جج صاحب تي بلڪل گهٽ اثر پيدا ٿي چڪو هو. تنهنڪري هن صاحب خيال ڪيو ته منهنجي رڪارڊ جي سالياني انسپيڪشن ڪري بلڪل خراب رمارڪ ڏئي نڪري مان خارج ڪرايان. مگر ڪيس قانوني مجبوري هئي سا اها هي ته سالياني انسپيڪشن سال ۾ هڪ دفعو ٿي سگهي ٿي سيهڙ ڪورٽ جي انسپيڪشن فيبروري ۱۹۲۹ع ٿي وئي هئي تنهن ڪري ٻي انسپيڪشن ۱۹۲۹ع ۾ ٿي نه ٿي سگهي اهڙي مجبوري سبب هو صاحب ۱۹۲۹ع ۾ انسپيڪشن ڪري نه ٿي سگهي ۽ ۱۹۲۹ع جي آخر ۾ پينشن تي ويٺو

هوس. ڪيس ڊسمبر جي آخر ۾ الوداع جون پارٽيون به مليون
۽ آخرين پارٽي ۾ مان به موجود هوس. اتفاقن انهيءَ
پارٽي جي هلندي ڪيس تار آئي ته تون چارج نه ڇڏ
جيستائين ڪو ٻيو آرڊر گورنمنٽ ڪري. ڊسٽرڪٽ
جج صاحب سمجهو ته ڪيس نوڪري ڪرڻ جو وڌيڪ
عرصو مليو آهي جنهن بابت بلڪل سخت ڪوشش ڪري
رهيو هو. جڏهن ڪيس مبارڪون مليون پوريون تڏهن ته
مونکي ٿو چوي ته ٢ ڏينهن ڪان پوءِ يعني ٢ جنوري
١٩٣٠ع مان ميهڙ ڪورٽ جي انسپيڪشن ڪرڻ ايندس
مان ته ڪٿي صبر ڪيو. جڏهن ميهڙ پهتس ته رات جو
مرشد سائين کي سمورو احوال ڏنم عرض ڪيم ته
مونکي بچايو. قدرت جي مالڪ جا وڙ هميشه ويجهڙا
آهن. ڊسٽرڪٽ جج صاحب جو سامان تيار ٿي رهيو
هو ميهڙ اچڻ لاءِ ته ايتري ۾ ڪيس تار آئي ته چارج
هڪدم پنهنجي اسسٽنٽ کي ڏئي تون پينشن تي وڃ
جيڪو سامان ميهڙ آيو هو تنهن سامان صاحب کي
گوٺ پهچايو.

جولاءِ ١٩٢٩ ۾ مان پارن سميت ڪوئيٽا ويو هوس
چو جو ٦ هفتا وڪيشن هني. اها وڪيشن ٣٠ آگسٽ
جي پوري ٿيڻ واري هني. اوچتو ٢٣-٢٥ آگسٽ سخت

بارش پئي جنهن ڪري ريلوي لائين ناتال ۽ تيپل ديرو
اسٽيشن وچ ۾ صفا پڇي پئي هي اسٽيشنون جيڪب آباد
کان ٿورو پري آهن. انهيءَ زماني ۾ قانون هو
ته جيڪو آفيسر وڪيشن جي پوري ٽيڪ تي ڊيوٽي تي
نه ايندو تنهن کي وڪيشن جي پگهار نه ملندي ۽ ساليانو
اضافو به ٦ هفتا پوءِ ملندو. انهيءَ ڪري مونکي انتظار
هو ته جيئن مان ٣٠ آگسٽ ضرور ڊيوٽي تي چڙهان.
٢٩ آگسٽ صبح تائين ريلوي لائين تيار نه ٿي سگهي
تنهن ڪري مايوس ٿي منجهند جو پنهنجي مرشد کي سڏي
عرض ڪيم ته اجايو مونکي نقصان ٿو پوي جيڪڏهن
٣٠ آگسٽ نوڪري تي نه پهچندس تنهن ڪري مهر
ڪري ڪو بندوبست ڪري ڏيو. عرض ڪري ڪٽ تي
سمهي رهيس. ٿوري دير بعد آواز آيو ته "چو سمهيو
پيو آهين هليو اچ" مان اهو راز سمجهو تنهن ڪري
معمولي ڪپڙا ۽ بسترو ڪڻي هلڻ لڳس. منهنجي گهر جا
سڀ ميمبر مونکي روڪڻ لڳا مگر مونکي آواز همٿ ڏني
هئي تنهن ڪري هليو ويس.

مونکي ٽرين ڪوئٽيا کان ناتال اسٽيشن تي وٺي
رات جو ٨ بجي ڇڏيو. ناتال اسٽيشن تي ريلوي ملازمن
جي ڪوارٽرن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو تنهن ڪري

خيال ڪيم تہ رات پليٽ فارم جي بينچ تي ويهي گذاريان ۽ صبح جو وڏيڪ جاچ ڪندس تہ ڪڏهن ٽي ٽرين ملي ميهڙ وڃڻ لاءِ. اڃان اهي خيال پيو ڪريان تہ هڪ نوجوان اٽڪل ٢٠ ورهہ عمر جو منهنجي سامهون بيٺو. مونکي چيائين تہ توهان واسطي بسترو تيار ڪيو ويو آهي توهان رات آرام ڪيو صبح جو توهان کي ٽرين ملندي. اهو جوان منهنجو اڳ واقف ڪونہ هو ۽ نہ وري هن کي اڄ تائين ڏٺو اٿم. مون هن کي چيو تہ بستري تي آرام ڪرڻ توهان جو حق آهي تنهنڪري مان توهان جو حق نہ وٺندس. مونکي جواب ۾ چيائين تہ اهو حق مان توهان کي ٿو ڏيان. اٿين ڇٽي منهنجو بسترو ۽ هئنڊ بيگ جنهن ۾ ڪپڙا هوا پاڻ کڻي اسٽيشن ماستر جي ڪمري ڏي هليو. اسٽيشن ماستر کي چيائين تہ هي سامان پاڻ وٽ سلامت رکو سڀاڻي هن کي (مونکي) ڏجو ۽ مونکي اسٽيشن کان ٻاهر وٺي ويو جتي ٢ بسترا ٢ کٽن تي وڇايا پيا هوا. مونکي هڪ بستري ڏي اشارو ڪري چيائين تہ هت ننڊ ڪيو سڀاڻي توهان کي ريل ملندي. مونکي ننڊ تہ جلد اچي وئي ۽ سڄي رات اک نہ کلي. صبح جو سويل مان پنهنجي ٻئي تي کنهن ماڻهوءَ جا هٿ سمجها تہ مونکي اٿاري ٿو

مان آئيس پر ماڻهون کونه هو مگر ٽرين جي انجن جي ڪوڪ ٻڌم مون سمجهو ته اها ٽرين آهي جا مونکي اڳتي وٺي ويندي.

مان پنهنجو سامان ڀُني کنيو ته اسٽيشن ماستر چيو ته جيڪي مال گاڏي بيٺي آهي تنهن ۾ چڙهي پٺو پر ريلوي ٽريفڪ سپرٽنڊنٽ جيڪو گاڏي ۾ آهي تنهن کي خبر ڏجو. مان هن صاحب کي خبر ڏني گارڊ واري گاڏي ۾ چڙهيس. اها ٽرين جتي بند پڳل هو اتي مونکي جمعه جو ۸ بجي پهچايو. گارڊ صاحب گاڏي مان لهي پنڌ مٿي ڪري گپ مان پيادو هليو ويو ۽ انجڻ وٽ وڃي لائين جي مرامت جو ڪم ڏسڻ لڳو. مونکي ٻه ائين ڪرڻو پيو پر مونکي سامان هو تنهن ڪري خيال ڪيم ته ڪو مزور ملي. اچان انهيءَ ويچار ۾ هيس ته هڪ مزور آيو چيائين ته توهان جو سامان کڻي آهي. مان سامان هن کي ڏنو ۽ هن جي پٺيان پيادو هلڻ لڳس. منهنجو سامان انهيءَ مزور وڃي ٽرالي ۾ رکيو جا اڳ تيار ڪئي وٺي هئي. مونکي چيو ويو ته هي ٽرالي مونکي پڳل ريل لائين پار ڪري ٻي اسٽيشن ٽيپل ديري تي پهچائيندي. انهيءَ وقت تائين ريل لائين عارضي طور ٺاهي وٺي هئي ته ٽرالي رستي سامان مرامت جو اچي وڃي سگهي. اهڙي طرح بلڪل آرام سان مان پڳل بند پار ڪري ويس.

سخي سرتاج

اهو اٽڪل ١٠ بجه صبح هو.

ٽپل ديرو اسٽيشن تي گاڏي جو بندوبست ته نه آهي پر پاڻي به جيڪب آباد ڪان ايندو آهي. مونکي واقفيت ڪانه هئي. مان پنهنجون ٽنگون صاف ڪري ويهي رهيس ته اسٽيشن ماستر مون وٽ وراڻدي ۾ آيو. مونکي پنهنجي ڪڻتي ۾ ويهار ٿائين ۽ تڙ جو ۽ گاڏو جو بلڪل پسندي موجب بندوبست ڪيائين. پوءِ ٽرين آئي جنهن مونکي ميهر پهچايو. اها تاريخ ٣٠ آگسٽ هئي وقت منهنجي جو ٢ بجه مٺي سائين جون قرب جون ڪهاڻيون ته گهڻيون ياد آهن جي جيڪر لکان ته چڱو ڪتاب پرجي وڃي. پر جاءِ جي تنگي سبب مان هٿ بند ٿو ڪريان.

مان جيڪي به مٺي ڏٺو آهي تنهن مان خاطري سان چئي سگهجي ٿو ته

١- منهنجي مرشد سائين جو شان شهنشاهي آهي.

٢- قربدار جو جيڪو قول هو ته "اها اسان سڌ ۾ سڌ ڏينداسي" اهو ذري پرزي صحي ۽ عملي آهي

٣- هادي سائين طالب سان هر وقت هر دم همراهه آهي جيئن سچل سائين فرمايو آهي

دم بدم موجود باشد. در آيد ڪارما

٤- مرشد سائين طالبن کي هميشه پنهنجي نظر هيٺ
رکي ٿو.

جيئن سلطان باهو فرمايو آهي.

مرشد اهو ڳنيجي ميان سلطان باهو

جو ٺوان کوها وچ نظر دي رکي

٥- ڪامل مرشد طالب کي اخلاقي ۽ روحاني تعليم
ڏئي چڱو شهردار بڻائي ٿو.

تمام شد

B-4988

تصنيفات قاضي علي اڪبر صاحب درازي

سنڌي ڪتاب: ١- دولهہ درازي ٢- داتا درازي ٣- درد جو داستان ۴- عشق حبيب ٥- قرت العين رسول ٦- بيعت الرضوان ٧- سخي سرتاج ٨- شهنشاه عشق ٩- سرتاج الشعرا ١٠- فاتح سنڌ ١١ ديوان غلام اڪبر ١٢- ديوان ڪوجهي ١٣- سوانح حيات ڪوجهي فقير ١۴- مثنوي عشق نامہ ١٥- مثنوي دردنامہ ١٦- مثنوي گداز نامہ ١٧- مثنوي رهبر نامہ ١٨- مثنوي راز نامہ ١٩- مثنوي تار نامہ ٢٠ ديوان خدائي ٢١- سفر نامہ ايران و عراق ٢٢- انتخاب سنڌي ڪلام ٢٣ قصو تقدير ۽ تدبير ٢۴- عشق عجب اسرار ٢٥- شاعر اعظم ٢٦- مڪمل سوانح حيات حضرت سچل سرمست ٢٧- شاعر هفت زبان ٢٨- سدا حيات شاعر.

اردو ڪتاب ١- مختصر سوانح حيات ٢- عظيم شاعر و مفڪر ٣ مثنوي وحدت نامہ ۴- مثنوي وصلت نامہ ٥- غزل بحر طويل ٦- نڪتہ تصوف ٧- سرتاج الشعرا ٨- انتخاب اردو ڪلام.

سرائڪي ٧- انتخاب سرائڪي ڪلام

انگريزي ڪتاب گريٽيسٽ پوئٽ

٢- انٽر نيشنل پوئٽ

زير طبع دولهہ درازي جي دربار جا در ۴١- سنڌي ترجمو ديوان آشڪار ۴٢- اردو ترجمہ ديوان آشڪار

ڇپيندڙ: ماڊرن پرنٽنگ پريس نيم جي چاڙهي سکر